## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران چونڊ سنڌي شاعرن جي شاعريءَ جو گڏيل مجموعو **”اڪين جي اڪيلائي“** اوهان اڳيان حاضر آهي. جنهن جو مرتب مبين اڄڻ آهن

هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي 18 چونڊ شاعرن جي شاعريءَ کي شامل ڪيو ويو آهي هر شاعر ۽ تخليقڪار جي شاعريءَ جي پنهنجي خوشبو، لهجو ۽ سواد آهي، تنهنڪري هي ڪتاب هڪ نرالو ۽ منفرد شاعريءَ جو مجموعو لڳي ٿو ڪتاب ۾ شهيد روبينا اڄڻ کي ڏنل منظوم پيٽا پڻ شامل آهي

هي ڪتاب 2023ع ۾ بخاري پبليڪيشن، لاڙڪاڻو پاران ڇپايو ويو، جنهن جي پي ڊي ايف ڪاپي مبين اڄڻ جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿي

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

# اکين جي اڪيلائي

( گڏيل شاعري)

مرتب:

مبين اڄڻ

بخاري پبليڪيشن لاڙڪاڻو
2023ع

(ڪتاب جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري نه آهي)





ڪتاب نمبر: 27
حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
ڪتاب جو نالو: اکين جي اڪيلائي
موضوع: مختلف شاعرن جي شاعري
مرتب: مبين اڄڻ
سال: جون2023ع
ڇاپو: پهريون
ڪمپوزنگ لي آئوٽ: شاهد انور بخاري
0300_3419181
ڇپيندڙ: بخاري پبليڪيشن لاڙڪاڻو
0300_3419181
مُلهه: 500 رپيا

Book No: 27
Book Name: Akhin g Akelaee
Copmiled by:Mubeen Ujan
1 st Eddition: June 2023
Composing & Layout: Shahid Anwar Bukhari
0300_3419181
Published by: Bukhari Publication Larkana
0300_3419181
Price:500

## سنڌءُ


| | | |
|---|---|---|
| ❊ارپنا | | 04 |
| ❊ پبلشر نوٽ | فياض انور بخارءِ | 05 |
| ❊ پنهنجي پاران | مبين اڇڻ | 06 |
| ❊ براهوئي سائين جي. ايم. رئيساڻي | تعارف/شاعري | 07 |
| ❊ بيخود بلوچ | تعارف/شاعري | 17 |
| ❊ زيب ڪنگو | تعارف/شاعري | 23 |
| ❊ خيال ڪتري | تعارف/شاعري | 28 |
| ❊ فياض ڏاهاڻي | تعارف/شاعري | 34 |
| ❊ جام صنم سنڌي | تعارف/شاعري | 39 |
| ❊ علي حسن سرڪي | تعارف/شاعري | 41 |
| ❊ نوبت ڌهر | تعارف/شاعري | 45 |
| ❊ مهر فقير | تعارف/شاعري | 50 |
| ❊ تنها سخاوت شيخ | تعارف/شاعري | 55 |
| ❊ اويس ساگر سومرو | تعارف/شاعري | 58 |
| ❊ مشتاق بخاري | تعارف/شاعري | 61 |
| ❊ زيب مغيري | تعارف/شاعري | 63 |
| ❊ معشوق محسن ابڙو | تعارف/شاعري | 68 |
| ❊ شبير حسن گبول | تعارف/شاعري | 71 |
| ❊ اياز شاهه "اداسي" | تعارف/شاعري | 83 |
| ❊ عامر انصاري | تعارف/شاعري | 85 |
| ❊ مبين اڇڻ | تعارف/شاعري | 87 |

**شهيد روبينا اڇڻ کي منظوم پيڻاٺون** 91

جام صنم سنڌي، علي حسن سرڪي، صوفي امتياز ہلال، مظهر علي ميربحر
مهر فقير، براهوئي سائين جي. ايم. رئيساڻي، سلام اڇڻ، عاشق حسين بوز

**مبين اڇڻ جي شايع ٿيل ڪتابن**

**۽ زندگيءَ تي لکيل دوستن جا تاثر**

| | | |
|---|---|---|
| ❊ سنڌ جو درد رڪندڙ شاعر | زيب ڪنگو | 105 |
| ❊ انيڪ ڪردارن جو مالڪ مبين اڇڻ | ظهير لاڙڪ | 106 |
| ❊ "اکين جي اکيلائي" تي هڪ نظر | نويد ناز اڇڻ | 107 |
| ❊ انصاف جي اوسيئڙي ۾ سڙندڙ سنڌ! | عامر انصاري | 108 |
| ❊ ٽپڪي ٽپڪي جو حساب! | معشوق محسن ابڙو | 110 |






## ارپنا

امڙ سائنڻ، بابا سائين
ادي شهيد روبينہ اڇڻ
پنهنجي باوفا، باهمت، پورهيت گهرواري رباب اڇڻ
۽ پنهنجي محسن شخصيتن ڀينرن ۽ ڀائرن هرهڪ نالي
سنڌ جي مظلوم بهادر نياڻي ادي ام رباب چانڊيو
محترمہ ادي جام صنم سنڌي (ليڪڪا)
محترم ايڊووڪيٽ منظور لاڙڪ صاحب
محترم ايڊووڪيٽ محمد طارق مهيسر صاحب
محترم ظهير لاڙڪ صاحب
محترم مخدوم آفاق احمد هاشمي صاحب
محترم مخدوم ياسر هاشمي صاحب
محترم حبدار ٽوناٽي صاحب
محترم سائين جي. ايم. رئيساڻي صاحب
محترم ايوب کوسو صاحب (شاعر)
محترم ايوب گل صاحب (شاعر، ڪالم نگار، ڊراما نگار)
۽
پنهنجي روزگار دوڪان جي نالي جيڪو امڙ جي جنت
جهڙي هنج جيان مون لاءِ پناهه گاهه آهي

**مبين اڇڻ**

❊❊❊

## پبلشر نوٽ

سنڌي ادب ۾ شاعرن جا گڏيل شاعريءَ جا مجموعا ڇپائڻ جي روايت لڳ ڀڳ اڌ صدي پراڻي آهي . جيڪو سفر پنهنجي آب و تاب سان اڄ به جاري آهي .

چؤسٽن جي چونڊ جو هي گڏيل ڪتاب پياري مبين اڄڻ جي محنت ۽ محبت جو نتيجو آهي هن ڪتاب ۾ شامل هر شاعر, شاعره جو پنهنجو رنگ ۽ تخليقي نکار آهي.

مبين اڄڻ چؤسٽن جي مختلف شاعرن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري سچ ته ادب جي جهول ۾ تاريخي ۽ هڪ اهڙو منفرد ڪتاب وڌو آهي جنهن لاءِ اميد ٿي ڪجي ته هي ڪتاب چؤسٽي تي تحقيق ڪندڙن لاءِ ريفرنس طور ڪم ايندو.

بخاريءَ پبليڪيشن لاڙڪاڻو جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي ته پنهنجي پڙهندڙن جي هٿن تائين بهتر کان بهتر علمي ادبي تاريخي تحقيقي ڪتاب پهچائي اميد ته گڏيل شاعريءَ جو هي مبين اڄڻ جو پورهيو **اکين جي اکيلائي** پڙهندڙن کي ضرور پسند ايندو. هميشه جيان اوهان جي روشن راين جو اوسيئڙو رهندو.

**فياض انور بخاري**
bukharipublicantion@gmail.com
0300_3419181

***





## پنهنجي پاران

اڄ آئون پنهنجي هن ڪتاب لاءِ نه بلڪ ان جي ابتڙ پنهنجي جنم ڏينهن شهر ضرور گندي پاڻيءَ ۾ ٻڏندو آهي. ان گندي پاڻي بيهڻ سبب شهر جو مک اسٽان ڪنهن ڍيم جو ڏيک ڏيندو آهي. ٻيو مسئلو هتڙي وفاق جي زيرِ نگراني هلندڙ پوسٽ آفيس جو آهي جنهن جي بلڊنگ گذريل 20 سالن کان جڙي نه سگهي آهي. هتان جو ٺيڪيدار ڪروڙين رپيا هڙپ ڪري گم ٿيل آهي. نئون مسئلو شهر ۽ آس پاس ۾ جوا گيم جا اڏا, آئيس نشي جو واپار کلي عام ڪيترن سالن کان جاري آهي هتان جي پوليس جي نڪ جي هيٺان پر پوليس عملو شهر کهڙا جي 80 فيصد رهواسين وانگر چُپ جو روزو رکي ويٺل آهن.

يومي کهڙا شهر جي مسئلن تي لکندس ۽ ان جي حل لاءِ عرض گذارش ڪندس پياري ملڪ پاڪستان جي معزز عملدارن کي.

سائين منهنجا مون جڏهن شعور جي اک کولي ته مون کي منهنجو اباڻو شهر کهڙا ان وقت کان هن مهل تائين بنيادي مسئلن جي ور چڙهيل نظر ايندو رهيو آهي جيڪي هن وقت تائين حل نه ٿي سگهيا آهن؟ جن ۾ خاص ڪري هتان جو 50 سال پراڻو ڊرينيج نظام جنهن جي ڪري مهيني ۾ هڪ

منهنجي شهر جو عوام ڪڏهن پنهنجي حقن جي لاءِ اٿندو ۽ جاڳندو اهو وقت تي ٿا چڏيون؟ مگر آئون آخر ۾ پنهنجي جنم يوميءَ سان ٿيندڙ مٿين ويساهه گهاتين سبب ذڪارو ضرور آهيان. آئون وري به پياري ملڪ پاڪستان جي اعليٰ معزز ايماندار عملدارن کي گذارش ڪندس ته شهر کهڙا جا مٿيان مسئلا حل ڪرڻ سان گڏ منهنجي پيءُ شهيد جنهن کي اڄ کان 2 سال اڳ هڪ درگاهه پير ڪٽڪپال ڪوٽڏجي وٽان اغوا بعد بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو ان جي خون سان انصاف ڪيو. آئون پنهنجي پياري ملڪ پاڪستان جي پرامن آئين ۽ قانون کي مڃيندڙ لکيل پڙهيل نوجوان آهيان, منهنجون اکيون انصاف جي اوسيئڙي ۾ آهن. مونکي پڪ آهي ته انصاف ڏيندڙ ادارا منهنجي خاندان سان انصاف ڪري اسان مظلوم غريبن جي لاءِ ايندڙ مستقبل ۾ مثال قائم ڪندا.

**عرضدار**
**مبين اڄڻ**

***

# براهوئي سائين جي.ايم. رئيساڻي

## تعارف



نالو:_ براهوئي غلام محمد رئيساڻي
ادبي نالو:_براهوئي سائين جي.ايم. رئيساڻي
والد جو نالو:_ براهوئي مير حمزعلي رئيساڻي
ادبي حيثيت:_ ”استاد الشعراء“
جنم تاريخ:_ 13 اپريل 1965ع
جنم هنڌ:_ چوهڙپور تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو
ڇپيل -ڪتاب:_ (1)قلمڪار ڪوي 2009ع
(2)وقت جي واڪاڻ 2010ع
(3)تمغہ امتياز2012 ع
(4)سنڌ جي قديم تاريخ جو هڪ ورق2015 ع
(5)بهار البحار (علم عروض) 2021 ع
اڻ ڇپيل:_ (1)براهوئي و بلوچ (سنڌيءَ ۾)، (2)سنڌو ديش دراوڙ ديش(تاريخ)، (3)علم عروض کا قانون (اردو ۽ سنڌي ۾)، (4)بحر وزن (اردو ۽ سنڌي ۾)، (5)نائون ڊڪشنري انگلش ٽو سنڌي،(6)براهوئي قبائل(اردو ۾)، (7)براهوئي زبان کل زبانون کي مان هي(اردو ۾)
لکڻ جي شروعات:_ :77_1976ع کان،
ادبي استاد:_(1)استادالشعراء نثار بزمي(2) محترم اشرف زمان پيرچنڊامي (3)محترم مولوي امان الله مفلح مهر (4) محترم نذير احمد ڊيهو (5) استادالشعراء رحمت الله شوق شڪارپوري (6)محترم جمال الدين جوڳي جمالي (7)استادالشعراء اميد خيرپوري (8) استادالشعراء غلام مرتضيٰ اعظم عباسي، (9)استادالشعراء حڪيم ضياء الدين ضياء جتوئي، (10) استادالشعراء غلام نبي ثاقب بروهي (11)استادالشعراء محترم عزتمآب سائين سرمد چانڊيو.
تعليم:_ مولوي عالم فاضل عربڪ، سندالتحصيل المدرسہ، ايم اي اسلامڪ ڪلچر، بي ايڊ، ايم ايڊ.
ڪرت:_ گورنمينٽ هاءاسڪول ٽيچر بي پي ايس 20.
رهائش ۽ هاٽوڪو پتو:_ عيدگاه محلو مدئجي، پوسٽ آفيس نمبر78030مدئجي
فون نمبر:_0308_3494122 0345_3784122





## حمد

حمد خدا جو ڇئي ڇا ڇوان،
لفظ زبان تي اچن سي ڪٿان،
جنهنجو مثل ڪو نہ ٿو ڪٿ ملي،
ان جو پوءِ ڪهڙو ڪيان مان بيان.

## درشن

ويجهو هوندي، دور رهان مان،
راز انهيءَ ۾ تنهنجو ڇاهي؟!
وار برابر ناهي وڇوڙو!!
درشن پو ڇو ٿيندو ناهي!!

## مظهر

موجود آدميءَ کي آهي وڏيڪ ويجهو
سڀ کي محيط آهي هر دل خدا جو گهر آ،
ظاهر پسڻ پرينءَ جي، آهن نشانيون سڀ،
مظهر سندس جو ليڪن توٽي جو هر بشر آ.

## پرده نشين

عين اليقين عيني هن ڪائنات اندر،
پرده نشين پيارو هرڪنهن ۾ جلوه گر آ،
ڪعبي ۾ قيد ناهي، انسان ۾ نہ ليڪن،
آهي عيان، جنهن تي منهنجي نظر آ.

## پرماتما

وجي ڇوٽا پتڪو پٽن تي ادا!،
ائين ڪو نہ ٿيندو آ رب آشنا!،
ذڪر ذات مخفي وٺي ڪر نظر،
اسانجي اندر آهي پرماتما.

## لاتقنطو

عدم عرفان جي بلڪل، علامت نااميدي آ،
خدا جي رحم کان مايوس، هڪ ابليس آ دائم،
پڙهي لاتقنطو آدم نٿي بي دم زماني ۾،
خدا جون رحمتون آهن، خدا جي قرب تي قائم.

## اڄ تائين

ڏَسِ! توکي ڏِڄَي ڪهڙو لقب، نانءُ نرالو
ابليس کان وڏ پاڻ کي ٿو پاڻ وڃائين،
اڄ تائين ڪُتي کي بہ ڪُتو ڪِينَ جهڪيو آ،
تون ڪهڙي سبب ڪنڌ ٿو دردر تي جهڪائين!

## رَبّ سان رلاءِ

”خدا ترس ماڻهو“! خدا واسطي،
سڄڻ ٿي اسان کي ”سڄڻ“ سان مِلاءِ،
نہ دنيا، نہ دولت، نہ شهرت کپي،
ڪيو عرض ايهو تہ رَب سان رَلاءِ.

## راز رب جو

ڪيم غور، دل سان پڙهي، ”فاذڪروني“،
”طلب في القلب“ بس رهي ”يار جوئي“،
لڪيل راز رب جو بہ اظهار ٿي پيو
محبت جو مطلب ”طلبگار جوئي“.

## نُورُ آهي

ديد دنيا کان هٽائي پوئتي،
اي پرين ڪر پاڻ ايڪاگر نظر،
نُورُ آهي هر نظر جي پوئيان،
جو پسائيندو خدا جو آهي گهر.





## مُصحف

ڪٿي تون ڪٿي مان، ڪٿي دل لڳي وئي،
نہ ڄاڻان سندم اڄ رٿي دل لڳي وئي،
پڙهي کولي مصحف ڪيم غور بيحد،
اثر ٿيئڙو مون مٿي دل لڳي وئي.

## ڪائنات جو مقصد

محبوبِ مصطفيٰ ﷺ جو ديدار جن ڪيو
پروردگار جو جڻ ديدار تن ڪيو
تخليقِ ڪائنات جو مقصد نبي ڪريم،
آ رب العالمين کي اظهار هن ڪيو.

## باليٰ نشين

حُسن يوسف جو ٿيو مشهور دنيا ۾ مگر،
ناهي تُنهنجي پيٽ جهڙو ”اي پرين پرده نشين“،
مصر جو هو تختور يوسف مگر اهڙو نہ ٿيو
عرشِ عاليٰ تي هُئين تون باخدا باليٰ نشين.

## اَغثني يانبي

ڪل حشر ۾ سڏيندا نبي آ نبي،
اَغثني اَغثني يا نبي آ نبي،
هر بشر، هر ولي خود پڪارن ائين،
المدد احمدا! يانبي آ نبي،

## اَغثني يانبي

ڪي حشر ۾ چوندا روئي روئي،
اغثني اغثني يانبي آ نبي،
ءِ پگهر ۾ ٻوڏندي سڏيندا هِيئن،
المدد احمدا يانبي آ نبي،

## روئن ٿا پارسا

عجب هي نئون تماشو آ، حشر جي ڏينهن جو نقشو،
اتي جاڳي تمنا شوقِ رحمت بي پناهيءَ تي،
گنهگارن مٿان اهڙو ڪڪر وسيون ڪرم جو آ،
روئن ٿا پارسا پنهنجي ڏسي خود بي گناهيءَ تي.

## خوشخبري

اطاعت شرط آ شامل، شريعت جي اصولن تي،
حضوري خاص خاصن ۾، نڪي هُوندا هُو عامن ۾،
غلامانِ محمدﷺ کي ملندي خاص خوشخبري،
حشر جي ڏينهن هوندا سپ، نبي سائينءَ جي دامن ۾.

## اسلام جو نالو

حديثن تي ڪتابن ۾، لکيل قرآن ۾ ظاهر،
جهنم جي اَٿَوَ سختي بُري انجام جو نالو،
خدارا! سوچ اي مسلم ڇڏي ڏي بيحيائيءَ کي،
بُرائيءَ کان ڪرڻ پاسو اَٿَوَ اسلام جو نالو.

## مرتبو جانان جو

هرشيءِ جانان جي آ، واسطي ڪون و مڪان،
هرطرح آهي مٿي هر مرتبو جانان جو،
حسن ۾، گفتار ۾، رفتار ۾ ڏس هُوبَهُو،
ڇا عجب مظهر بڻيو آ، خود خدا جي شان جو.

## حَسنينؑ جو بابو

علي مشڪل ڪشا جو در، ڇڏيندين دربدر ٿيندين،
پيغمبرﷺ پاڪ جو دلبر، ڇڏيندين دربدر ٿيندين،
نبيﷺ جي علم جو وارث، آهي حسنينؑ جو بابو،
ادا! خيرالنساء جو ور، ڇڏيندين دربدر ٿيندين،





## خُدا جو رازدان

عمل عالِم سندو هرهڪ، شريعت کان نہ آ ٻاهر،
مُجاهد مرد مومن کي، خدا وارِي زبان آهي،
خُدا وارو خدائيءَ ۾ بظاهر آدمي ليڪن،
فنا في الله جو صاحب خدا جو رازدان آهي.

## روح جو پرواز

جت قلندر يا وري ابدال جو آهي وڄڻ،
۽ اُڏڻ شهباز جو آ، ڪوهسارن کان مَٿي،
تيزتر تنهن کان اڃا ڏس! روح جو پرواز آ،
هيٺ طوبيٰ کي ڇڏي ٿو واٽ ويندي اڻ رٿي.

## قالوبليٰ

موت آ قالوبليٰ جو واعدو الله سان،
آدمي هر ڪنهن طرح ٿو قبر ۾ ايندو رهي،
جسم قابو قيد ۾ آ تاقيامت منتظر،
دار مان ٻي دار ۾ ٿو منتقل ٿيندو رهي.

## ذڪر ذاتي

منهنجي منزل تون نہ ڄاڻي، اڪ اجائي ٿو رکين،
عشق جي درياهہ اندر دل سفينو سِيرَ ۾،
ذڪر ذاتي جي ڪري آ، مرتبو منهنجو مٿي،
لهر لوڏو ڪينڪي جيئن گل تري ٿو کير ۾.

## عالَمُ الارواح

”قُلتُ بِسمِ اللهِ“ ڪُل اَحوالَ حاضر حال جا،
بي خطر آ زندگي، هر خوف کان دارينَ جَي،
ياڪُرين آهيان سدائين عالَم الارواح ۾،
خاص پيغمبرﷺ سندو، حيدر عليؑ، حسنينؑ جي.

## مرتبو

سوچ ڪر مخلوق ۾، مرتبو آهي مٽي،
خاص دنيا آهي منهنجي، هر رضا جي واسطي،
عام جو آ پيار مون سان، دمبدم چالاءِ جو
آ مودّت دل ۾ دائم، مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

## سينيما

عجب آواز الهامي سماعت کي رسيو آ،
منهنجي محبوب سائين جو تماشاگاهه آ دنيا،
فڪر فرحي پڙهي ڏس تون، تنهين ۾ سڀ هي تصويرون،
گهڙي پل جو رڳو رونشو، مگر عالَم آ سينيما.

## ماڻهپو

اڄ ڪلهه الائي ڇو ائين،
ٻڪ ٻوڙ ڪندو ٿو وڃي،
ڏس ماڻهپو ماڻهن منجهان،
منهن موڙ ڪندو ٿو وڃي.

## هَٿَ سڙن ٿا

موسيٰ ۽ فرعون ٻڌون ٿا،
حق ۽ باطل نيٺ لڙن ٿا،
آهي يزيد، حُسينَؑ مقابل،
نيڪي ڪندي هَٿَ سڙن ٿا.

## لِحاظ ڪونهي

خدا تو جاڻي، ڪو اڄ سياڻي،
”اياز محمود نياز“ ڪونهي،
تڏهن اسان وٽ وڏن ننڍن جو
شرم، حيا ۽ لحاظ ڪانهي.





## اِنسانيت

ڏِسُ! ناهي تو ۾ پاڻ وڏڻ جو ادب،
ڇوٽو پيو تنهنجي ڏسي، شيطانيت،
شرم و حيا تو ۾ نہ آ، اڄ ڪلهه اڃا،
محدود ٿيندي ٿي وڃي انسانيت.

## پيءُ، ماءُ جو ادب

ڪو شخص ضعيفن تي، جَي ظلم تو ڪري،
هوندو پو مٿس آهي، الله جو غضب،
جنت جي هَوا هوندي ان لَئہ حرام آ،
جنهن ناهي ڪيو پنهنجي پيءُ، ماءُ جو ادب.

## مومن

نڪي روزن، نمازن سان، سندس ڪا دوستي آهي،
ڪڏهن پي ڪوڙ جي ليڪن، ڪمي ڪانهي ڪميني ۾،
سڏائي پاڻ کي مومن ڪري هرجا گلائون تو
خدا جي پاڪ ماڻهن جو رکي تو ساڙ سيني ۾.

## مذهبي ماڻهو

گلا جو گهر سدائين ڪو آڏي تو ذبذبي ماڻهو
رهي بي نُور تو هردم، اجايو تعصبي ماڻهو
ٻڌي معيار تُنهنجي کي، ڪري تو گفتگو ظاهر،
برابر تون چِتو آهين، پڪو هڪ مذهبي ماڻهو.

## آهي مذهب ماڻهپو

هر طرح آدم هجڻ جو شرط آ،
پوءِ پل جنهن سان وٽي رک واسطو
مان نہ آهيان رافضي يا خارجي،
خاص منهنجو آهي مذهب ماڻهپو.

## راڄ جو راڻو

اوهي گوهي توکان سڪجي،
اٽڪي ٻٽڪي، خوب ٿا چاڻو
منهن تي خوشآمد، ڊاڙا ٻاشا،
تڏهن ته آهين، راڄ جو راڻو.

## مِٺي ڪاتي

هرهر مون سان، اٽڪين ناحق،
منهنجي ڏسي تون هلڪي هاڻي،
مون کي چا تون رڙڪي ويندين،
مان پيي ناهيان، مِٺي ڪاتي.

## عزت ڪين گهٽجي

ساڙ وارا، ساڙ ۾ سڙندا وتوا،
ڏوڙ پايو مون ڪٽي هارائيو
ڪنهن جي عزت ڪين گهٽبي ساڙ سان،
پنهنجن ٻانهن ۾ وجهي چڪ پائيو.

## اجائي خودي

خدا حاسدن جي، حسد کان بچائي،
وري جاهلن جي، جهل کان بچائي،
عمر ٿئي گذر، نيڪ اعمال ڪندي،
اَجائِي خودي ۽ گهل کان بچائي.

## ساڙ ۾ سڙ

ساڙ هردم جسم کي ساڙيندو آ،
ساڙ ۾ سڙ ساڙ جي توکي سزا،
تو ڏئي ان ريت رب، ڪجهه سوچ ڪر،
ڇڏ حسد کي، پاڻ ڪر راضي خدا.





## اشراف گهٽ هن دور ۾

آ ڪمينن جو قدر اهڙي طرح،
ڪم ظرف، ڪم ذات کي عزت ڏيڻ،
ٿا ڏسون اشراف گهٽ هن دور ۾،
چا ڪُتو چا ڪٽڪ جي ماني ملڻ.

## اعتراض مٿان اعتراض

عيبن کان ڪو خالي ڪونهي،
تون غُصّو ٻي انداز نه ڪر،
بس پاڻ ۾ جهاتي پائي ڏس،
اعتراض مٿان اعتراض نه ڪر.

## ڏس اچا اوقات کي

نڪتچيني تي جڳائي ڪينڪي،
جي سجاڻين، پاڻ پنهنجي ذات کي،
وقت آهي، ڪين ويو نڪري هٿان،
پٽ ورائي ڏس اچا اوقات کي.

## بغض

تون منهنجي عزت، شهرت کي،
برداشت ڪري، ٿو ڪين سگهين،
پيل بغض انهيءَ ۾ سڙندو وت،
جو روز نوان ٿو رِٽ رٿين.

## مون کان نفرت!

توسان چڱايون، منهنجيون آهن،
مون کي ڏاڍي، عبرت آهي،
منهنجي عزت، شهرت خاطر،
توکي مون کان نفرت آهي.

# بيخود بلوچ



## بيخود بلوچ جو جيون خاڪو

نالو:_فتح الله جسڪاڻي
قلمي نالو:_بيخود بلوچ
جنم:_ 14 آگسٽ 1971ع
جنم ڀومي:_ڳوٺ جمعو جسڪاڻي تعلقہ پنوعاقل ضلع سکر
تعليم:_ايم.اي (سنڌي)
ڪِرت:_اُستاد
شاعريءَ جي شروعات:_ 89_1988ع ۾
ڇپيل ڪتاب:_ (1) درد ۽ امنگ دل ۾ (2) هوا ۾ ٻرياسين (ڇوُسٽا) (3) اعتراض (غزل) (4) امن جو پيغمبر ﷺ (نعتيہ شاعري) (5) ڇيڙيا مَنَ ملهار (نثر) (7) جاڳو ٻارو (ٻارن لاءِ شاعري) ڇپايا.
ايوارڊ/سرٽيفڪيٽ: (1) بيدل ايوارڊ (2) امير بخاري ايوارڊ (3) گدائي ايوارڊ (4) ڀڳت ڪنور ايوارڊ (5) ٻالڪ ادبي فورم پاران لائيف ٽائيم ايوارڊ/سرٽيفڪيٽ (6) ضلعي گورنمينٽ سکر پاران مڃتا سرٽيفڪيٽ
(7) سنڌ ٽي وي ايوارڊ (8) مهراڻ ٽي وي ايوارڊ
پوسٽل ايڊريس:_ بيخود بلوچ معرفت مهراڻ بڪ اسٽور پنو عاقل ضلعو سکر
موبائيل نمبر:_ 0302_3601945





رهي ڏک ۾ خود کي بہ ناشاد رکجي،
قلم پنهنجو هر وقت آزاد رکجي.
نہ پابند ڇپڙن جي فرياد رکجي،
انهيءَ ريت جو هاڻ بنياد رکجي.

**

جي ڪاري رات آ چاهي؟ ڪٿو تارا ڪٿو سورج،
هِي مايُوسي چڱي ناهي ڪٿو تارا ڪٿو سورج.
ٻڌايو چنڊ دل پنهنجي پريو ذهنن ۾ چانڊوڪي،
سفر اونداهہ ۾ آهي ڪٿو تارا ڪٿو سورج.

**

”ممڪندڙ مکڙيون سڙن“ ايئن باغ جي دشمن چيو
”گل سڙن پوپٽ رڙن“ ايئن باغ جي دشمن چيو.
باغ جو پن پن پٽيان جيئن پؤنر جي نيٽن منجهان،
روز پيا ڳوڙها ڳڙن ايئن باغ جي دشمن چيو.

**

شل سدائين گل ٽڙن ايئن باغ جي مالهيءَ چيو
روز پيا پوپٽ مِڙن ايئن باغ جي مالهيءَ چيو.
هِت پرندن جون هميشہ بيٺڪون قائم هجن،
لاٽ جا سُرَ پيا ڇڙن ايئن باغ جي مالهيءَ چيو.

**

باغ جو پاسو نہ ڇڏبو پوپٽن جو آ وچن،
باغ مان نڪري نہ وڃبو پوپٽن جو آ وچن.
جي اڇي بدذوق ڪنهن هن باغ کي تيلي ڏني،
باغ جي پن پن سان سڙبو پوپٽن جو آ وچن.

**

ڏاڍُ هيءَ خواهش پيو ظاهر ڪري،
جنهن ڪي ماريان سر جهڪائي سو مري.
ڏاڍ پنهنجي سوچ ۾ آهي غلط،
ڏاڍ خاطر نيت ٿو ٻارڻ ٻري.

❋❋

پٿرن جي ڏيهه ۾ شيشو ٿيڻ،
آهِ پنهنجو پاڻ کي ٽڪرا ڪرڻ.
ڦول ٻڻجي پوءِ ڪنهن ٻنَ ۾ ٽڙڻ،
پنهنجي خوشبو کي وڃائڻ آهِ ڇڻ.

❋❋

درد ڏسڻو ٿئي ته اچ خلقت ۾ ڏِسُ،
هُت سياستدان کي فرحت ۾ ڏس.
ٿي وئي تحريڪ مان تحريڪ گُم،
فرق قول ۽ فعل جو سياست ۾ ڏس.

❋❋

جي اڳي وڌبو وڌي وڃبو ضرور،
پنهنجي منزل تي پڄي وڃبو ضرور.
جي آ لهرن سان لڙڻ جو حوصلو
پڪ آهي پار ٿي وڃبو ضرور.

❋❋

غريبن جا ڳوڙها لڪي ڪو نه سگهندا،
اميرن جا دوکا لڪي ڪو نه سگهندا.
نئين دؤر جي اک نه آ بند هاڻي،
هي حملن تي حملا لڪي ڪو نه سگهندا.

❋❋



پيلا چاڪاڻ ٿي پيا اَڄُ مٺا لهجا ڪڙا لهجا؟
اوهان ڪئي گفتگو اڳ پڻ مگر اهڙا نه ها لهجا.
اچانڪ نرم لهجا ڇو اُلا ٿا آڳ جا آڇن؟
هُئا اڳ دلربا ماڻهو اوهان جا دلرُبا لهجا.

❋❋

هِي قبيلن جو وڙهڻ ناهي چڱو،
قوم جو وکري وڃڻ ناهي چڱو.
امن جا اُجرا پکي ڇو مارجن؟
سنڌ ۾ رت جو وهڻ ناهي چڱو.

❋❋

تلخ لمحن جي ڪريان ٿو آجيان،
روز لڙڪن جي ڪريان ٿو آجيان.
زندگيءَ جا زخم سڀ آهن قبول،
آءُ زخمن جي ڪريان ٿو آجيان.

❋❋

جهليو ٻُور انبن هلي آ هلي آ،
نه رهُ دُور ساجن هلي آ هلي آ.
وسڻ کان ٿمڻ کان ڪڏهن پل ٻه هڪڙو،
نٿا نيڻ بس ڪن هلي آ هلي آ.

❋❋

هوا، آواز خوشبوءَ کي ٿا مارائن،
ڏسون ڪيئن روشنيءَ کي هُو ٿا هارائن؟
نه ٿيندو ذهن آ زنجير سان قيدي،
ڏسو سوچن کي ٿا زنجير پارائن!

❋❋

انڌ سان انياءُ سان هڪ ڏينهن ٿيندو فيصلو
ڏاڍ سان ڏهڪاءُ سان هڪ ڏينهن ٿيندو فيصلو.
جنهن اسان جي باغ جا سڀ رنگ جهٽ پٽ ۾ ڦُريا،
اُن خزان جي واءُ سان هڪ ڏينهن ٿيندو فيصلو.

❊❊

مليو هُو نہ آهي گهٽي وقت کان،
مليو چين ناهي گهٽي وقت کان.
جنهين کي ٿو چاهيان گهٽي وقت کان،
نٿو مون کي چاهي گهٽي وقت کان.

❊❊

ڪڏهن ڪَٿَ ڪائي نہ ڪا حد ٿئي ٿي،
محّبت ۾ سرحد ۾ حد رد ٿئي ٿي.
پري هُوندي هڪڙا پري ڪو نہ آهن،
ڪڏهن ٻن دلين ۾ نہ سرحد ٿئي ٿي.

❊❊

وطن لاءِ جيڪي بہ وڙهندا نہ مَرندا،
جي ٽانڊن ۾ گل ٻڄي ٽڙندا نہ مرندا.
رکي سوچ پنهنجيءَ ۾ هر وقت ڏرتي،
جي سوليءَ مٿي مُرڪي چڙهندا نہ مرندا.

❊❊

زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو غم نہ آ،
زندگيءَ ۾ پوءِ ڪوئي دم نہ آ.
لڙڪ شبنم جيان ڳلن تي ٿا ٿهن،
گُل اُهو ڇا؟ جنهن مٿان شبنم نہ آ.

❊❊





منهنجي جذبن کي لتاڙيو دوستن،
منهنجي احساسن کي ساڙيو دوستن.
دشمنن ۾ دم نہ هو ”بيخود“ اِهو
باغ سپنن جو اُجاڙيو دوستن.

❊❊

اوهان جي سُونهن ساڳي آ حقيقت آ،
اسان جي سونهن سان ساڳي عقيدت آ.
اسان سر ساهُ گهوريو سونهن تي آهي،
اسان وٽ سونهن جي هر وقت عزّت آ.

❊❊

جنهين مَنَ ۾ سچل يا بيدل هُجي،
نہ ڪيئن عشق جي من سو منزل هُجي؟
هُجن جنهن جي دل ۾ پٺائي جا بيت،
اُهو ڪيئن رهزن يا قاتل هُجي؟

❊❊

قلم جي قدم جي مٿان راهَ روڪيو
هي لهرُون، هوائون نہ درياهَ روڪيو.
قلم جو ڪرڻ سِر قلم ٿا جي چاهِن،
اُهي هن زماني جا گُمراهہ روڪيو.

❊❊❊

پنهنجن سان پنهنجن جو ٽڪر،
جڻ آهي شيشن جو ٽڪر.
ڪيڏو خطري وارو آهي!!
رشتن سان رشتن جو ٽڪر.

❊❊❊

# زيب ڪنگو



## زيب ڪنگو جو جيون خاڪو

نالو:_ اورنگزيب
ادبي نالو:_ زيب ڪنگو
والد جو نالو:_ قادر ڏنو خان  ذات:_ ڪنگو
عمر:_ 62 سال
تعليم، پوسٽ:_گريجوئيٽ رٽائرڊ جيل پرنٽنڊنٽ
پسند جو ڪتاب:_قرآن شريف
پسند جو شاعر:_شاهه عبداللطيف ڀٽائي
پسند جو ليڊر:_ذوالفقار علي ڀٽو    پسند جي موسم:_بهار جي موسم
پسند جو گلوڪار:_ نصرت فتح علي خان
پيشو:_رٽائرڊ سرڪاري ملازم
ڇپيل ڪتاب:_ 2003 ۾ منهنجو ڪتاب "احساس جون ڪتڪتايون (شاعري)
2020 ٻيو ڪتاب "خواب رقص ۾" (شاعري)
2023 ٽيون ڪتاب " آئيني ۾ عڪس"(شاعري) ڇپائي هيٺ
گڏيل شاعري. "سونهن جا همسفر"، "شاعري ڳالهائي ٿي"
"وايون مهڪيون وات تي" "ڏيل ڏنگي ٿي ذات"
جهونڪا پورب واءُ" "موتين مالها شاعري"
"زنگجي ويل خواب"

موبائل نمبر:_ 03009375152    ايڊريس:_ اسلام آباد





راحتون من ۾ رکي ويندو مري،
چاهتون من ۾ رکي ويندو مري.
سوچ ڪنهنجي جو ڪٿي متجي نه ٿي،
عادتون من ۾ رکي ويندو مري.

❋❋

خواب پنهنجا تنگي آ وئي ڪا هلي،
صاف دل جي نه ديوار ٿي آ سگهي.
وقت سان گڏ وئي متجي چني،
ياد تنهنجي ڪٿي ڏار ٿي آ سگهي.

❋❋

مون ڏنو يار انداز تنهنجو ٻيو،
لوڪ ڪان هو الڳ ناز تنهنجو ٻيو.
پير سوچي رکان تو پرين ديس ۾،
دشمنن سان ڏنو راز تنهنجو ٻيو.

❋❋

هي سدا آڪاس هڪ جهڙو نه آ،
هن هوا جو واس هڪ جهڙو نه آ.
رنگ رت جو تو ڏسان ساڳيو مگر،
درد جو احساس هڪ جهڙو نه آ.

❋❋

رات جو طوفان جي هلچل رهي،
جاڳ ۾ حيوان جي هلچل رهي.
درد ڪي محسوس تو ايڏو ڪيان،
جان ۾ گهمسان جي هلچل رهي.

❋❋

مايوس نہ ڪر هاڻي، ڪر ڳالهہ سچي پنهنجي،
هر روز ڏسان ٿو مان، اظهار فضائن ۾.
هر رات ڏکي گذري ، هر ڏينهن سزا سمجهو،
ڪو چين نہ آ دل کي، هر بار خطائن ۾.

❋❋

ڪو اجارو ڪري اچ ويو آ وري،
چاھ پارو ڪري اچ ويو آ وري.
هو تہ اخبار جو هو پراڻو پنو،
جو ڏڪارو ڪري اچ ويو آ وري،

❋❋

اک ملائي ڏٺو روبرو واٽ تي،
ياد آهي اها گفتگو واٽ تي.
غم نہ ڪر دل چڱو ٿي سگهي ٿو اگر،
هو ملي جي وڃي دوبدو واٽ تي.

❋❋

مان روايت رکان ٿو پراڻي صنم،
ياد آهي اجان هوءَ ڪهاڻي صنم.
هٿ رکي دل مٿان هو وچن تو ڪيو،
وچ ڏئي واعدن کي تہ پاڻي صنم.

❋❋❋

روز تنهنجي رسڻ مٿان دلبر،
شهر ۾ احتجاج ٿي جيڪر.
پيار کي پائجي ڪري چولو،
عشق سر جوئي تاج ٿي جيڪر.

❋❋





تنهنجي بدن تي جو هي ڪارو غلاف آهي،
منهنجي اکين ڪيو ٿي، دم دم طواف آهي.
هي سرد يار موسم، مون کي پئي ٿي ساڙي،
مرڪي ڏسڻ هي تنهنجو مون لئہ لحاف آهي.

❋❋

زندگي پر رهي سدا روشن،
ڪين هي گُلُ سراج ٿي جيڪر.
دل وٺڻ دل ڏيڻ هجي سولو،
جڳ ۾ اهڙو رواج ٿي جيڪر.

❋❋

ڪو سليقو ٻڌاءِ جيئڻ جو،
بي چسو چو مزاج ٿي جيڪر.
”زيب“ چاهت قبول ڪر مرڪي،
عشق جو هي خراج ٿي جيڪر.

❋❋

سپ ڪجهہ مٽجي ويندو آخر،
رهڻو ناهي ڪوئي نيشان.
”زيب“ حياتي اڇٽي وڃٽي،
هلندو رهندو پيو هي بہ جهان.

❋❋

يار مون کان پري هينئن چاتي نہ ڪر،
پيار ۾ تون بہ ويساھ گهاتي نہ ڪر.
دشمنن جي وڏي هيءَ ڏسان چال ٿو،
يار پلجي ڪڏهن ڳالهہ ذاتي نہ ڪر.

❋❋

ويڙهي رومال ۾ هو ڳاڙهو گلاب آيو
تنهنجو ڪٿي نياپو مون ڏي جناب آيو.
درياهه عشق جو هو، ويجهو نہ هو ڪنارو
طوفان مان تري هي، دل جو غراب آيو.

***

عشق جي اوچ تي جي پڳو ناهين،
ڪيس چئجو تہ هڪ تون رڳو ناهين.
مرض ڪنهن کي سڃاڻي نہ ايندو آ،
درد جو يار ڪوئي سڳو ناهين.

**

سچ جي سرهاڻ آهي مختصر،
ڪوڙ جي واڪاڻ آهي مختصر.
هر مهيني هو نئين سر تو اچي،
چنڊ ڪئي چانڊاڻ آهي مختصر.

**

ڪاوڙ هاڻي هاري چڙ ني،
مرڪي پيي تہ نهاري چڙ ني.
ڪيئن ڪلايان توکي دلبر،
اهڙا گر سيکاري چڙ ني.

**

هيءَ هوا باهہ يا ڪوئي پاڻي نہ هو
پيار خالي رڳو هڪ ڪماڻي نہ هو.
ياد آيو صدين جو ڪٿي درد آ،
چاهہ پنهنجو پراڻو سياڻي نہ هو.

**





## خيال ڪتري



## خيال ڪتري جو جيون خاڪو

مڪمل نالو:۔ بشير احمد ڪتري
ادبي نالو:۔ خيال ڪتري
پيءُ جو نالو:۔ محمد حافظ ڪتري
ڄم جي تاريخ:۔ 6 جون 1970ع
ڄم جو هنڌ:۔ ٽنڊو محمد خان
تعليم:۔ بي ايس سي، بي ايڊ
ملازمت:۔ استاد
لکڻ جي شروعات: 1986ع
ادب ۾ داخل ٿيڻ جا سبب:۔ ذاتي ذوق
لکڻ جون صنفون:۔ نثر ۽ نظم
ڇپيل مواد:۔ 1.ذڪر پاڪ شاهہ لولاڪ ﷺ 2011ع نثر 2.مولا علي ڪرم الله وجهہ 2014ع (سوال جواب) 3. حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنہ 2016ع (سوال جواب) 4. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ 2017ع (سوال جواب) 5. سارا هہ سچي سرور ﷺ جي (نعتيہ ڪلام شاعري) 2018ع 6. سرهاڻ مديني جي (حمد نعت ۽ مناقب شاعري) 2021ع 7. تاجدار ختم نبوت، مرزائيت ۽ علماءِ اهلسنت نثر 2021ع 8. پيارا پرور ﷻ جا (نعت و مناقب شاعري) 2022ع

## گڏيل شاعريءَ جا ڪتاب

1.سخنور سنڌ ڌرتيءَ جا 2017ع
2.پرهه ڦٽيءَ جا پنڌ 2019ع
3.ڪوتائن ڪر موڙيا 2021ع
4.گيڙو رنگ شاعري 2022ع

ان کان سواءِ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ آرٽيڪل
۽ شاعري گهڻي مقدار ۾ ڇپيل
ٽماهي احد احمد پاڻ ۾ (مٽياري) جو مينيجنگ ايڊيٽر

## تنظيمي وابستگيون

٭صدر آل پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن مٽياري 2005ع کان مسلسل
٭مرڪزي صدر ميلاد مصطفيٰ ﷺ آرگنائيزيشن مٽياري 2009ع کان مسلسل
٭سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياري 2021ع کان مسلسل
٭صدر انٽرنيشنل رائٽرس فورم ضلع مٽياري 2023ع کان

رابطو نمبر:۔ 03332851250
03003093973
ڏس پتو:۔ مٽياري





هر روح ٿو مزو وٺي منڙي لات جو.
ڪونهي مثال ڪو خدا جي سوغات جو.
تــوڙي ڪرين هزار سجده هڪ رات ۾،
ڪونهي خيال مٽ امڙ جي هڪ رات جو.

❊❊

پونءِ پنهنجي انصاف ٿي گهري،
حق پنهنجو پڻ صاف ٿي گهري.
رهزن ۽ ڏاڙيل ڇو هجن؟
ماڻهو پُر اوصاف ٿي گهري.

❊❊

قلم جي طاقت ڪي رسي ڪير؟
قلم جي شوڪت ڪي رسي ڪير؟
رڳو سوچيندا يار بس رهندا،
قلم جي سبقت ڪي رسي ڪير؟

❊❊

هزارن وريهن کان هلندي اچي،
سـدا رنگ سهڻا ڪيڏندي اچي.
متائڻ ٿا چاهين ثقافت مگر،
پُرنـدي جُهرندي نچندي اچي.

❊❊

ڇا ڪرڻ گهرجي ڇا پيا ڪريون؟
جوت پئي ڦرجي ڇا پيا ڪريون؟
تور ۾ ترڙو ڪينَ آ مُرڳو
سو پيو ترجي ڇا پيا ڪريون؟

❊❊

مٿي پنهنجي وطن جي مُشڪ عنبر ڪان مٿي پايان،
جبل جهوپا ٻنيون ٻارا سدا يار اکين لايان
سدا روشن رهيو نالو چڙيون اربي جنين جانيون،
سسيون گهوريون وطن تان جن انهن جا ڳيچ پيو ڳايان.

❁❁

رات آئي وئي پر نينهن جو هو نظارو.
ڀاڪرن ۾ سجڻ سان ڏينهن جو هو نظارو.
جوش جذبن تہ ”ڪتري“ جيءَ کي ٿي جلايو.
سرد موسم ڀڳهر ۾ مينهن جو هو نظارو.

❁❁

ايترا ڪنهن جا دالا نہ ٿيو.
خِرد ۾ ڀولا ڀالا نہ ٿيو.
يار دل جا بہ ٿيو ڪجھ سخي،
صرف اکڙن ڪجالا نہ ٿيو.

❁❁

انا اندر ۾ ٻاهر شيطان،
ڇا ڇا رکيو من ۾ آ نادان؟
هروقت طعنہ مهڻا چرچا،
اصليت وساري وينو انسان.

❁❁

ڏسيو تارا اسان کي ڪلن پيا،
سهون ڏڙڪا سدا جي ملن پيا.
اگهاڙا انگ جن جا وڏن ڍڪيا،
اهي ئي اڄ ٻي نسلا وڙهن پيا.

❁❁





پاڻ جئون ٿا پنهنجي ڪاڻ،
ڪون ڪڍون ڪا ڪنهن جي ڪاڻ.
ٿي نہ برائي ڪڏ محسوس،
آهي اهائي پنهنجي ڪاڻ.

❁❁

آهي ڪيڏي خود غرضي مون ۾،
ماري ٿي منهنجي مرضي مون کي.
موٽائڻ مهڻو آهي ”ڪتري“،
ڀل ڦاهي چاڙهين قرضي مون کي.

❁❁

پرين پيارن جو ڪجھ ڀرم رک،
ايڏو نہ تون پاڻ کي گرم رک.
هي وقت آهي ويندو سو گذري،
سلوڪ سهڻي سندو ڌرم رک.

❁❁

ڏار سپ دل جا رستا ٿيا،
دل گهريا يار ڪستا ٿيا.
چوٽ قيمت چڙهي حُب جي،
اگهہ ڪدورت جا سستا ٿيا.

❁❁

ماڻ پنهنجي ماڻ،
ٻي نہ ڪنهن کي تاڻ.
خوش ڇا ۾ آ خلق،
ڄاڻ سائي ڄاڻ.

❁❁

محبت جي طاقت کي سمجهو تو ناهي،
۽ سنڌائتو گس ٻه ورتو تو ناهي.
رڳو ڪلفتون من ۾ پالي هلين ٿو
مٺائي جي لذّت کي چکيو تو ناهي.

**

چو ٽا ڪريو تيريون ميريون،
پنهنجن سان پيي هيريون ڦيريون.
هوش ٻتال ته اهڙا ٿي ويا،
ٺل پل چن چن چيريون چيريون.

**

ڪچ ۾ ڪوڙ لڪائي آيا،
ظاهر ويس سجائي آيا.
زار سچو اندر هو اڱڙيون،
اکڙين سرمون پائي آيا.

**

هٿ ۾ هٿ ڏيو،
ست ۾ ست ڏيو.
ڪلفت کي ڇڏي،
الفت مٿ ڏيو.

**

ڳُل اڄي ڪنا ٿيندا،
پنهنجا پيي مَنا ٿيندا.
پاپ جا پنا پرجي،
باهه جا ٻَنا ٿيندا.

***





## فياض ڏاهاڻي



### فياض ڏاهاڻي جو جيون خاڪو

نالو:۔فياض ڏاهاڻي
ادبي نالو:۔ فياض
والد جو نالو:۔خادم حسين ڏهاڻي
ڄمڻ جي تاريخ:۔10 اپريل 2000ع
ڄمڻ جو هنڌ:۔ ڳوٺ سانول خان ڏهاڻي،
لڳ ميرپور پٺو تعلقو رتوديرو
تعليم:۔انٽرميڊئيٽ
ڪرت:۔ ڪاربار
لکڻ جي شروعات:۔2014ع
شاعريءَ ۾ استاد: عجب شيخ ۽ سانول شيخ
لکيل صنفون:۔گيت ۽ غزل
ڇپيل مواد:۔ ٻن گڏيل شاعري جي ڪتابن ۾ ڇپيل
اڻ ڇپيل مواد:۔هڪ ڪتاب جيترو مواد ۽ لکڻ جو سلسلو جاري
موبائيل نمبر:۔03418370431
ايڊريس:۔نادر شاهه محلو رتوديرو

کافي عرصي کان بعد آئي ٿئي،
شڪر آ پوءِ بہ ياد آئي ٿئي.
مون تي پانيو ڪجھ مٿيو هونديِن؟
تلخ لهجن ۾ واڌ آئي ٿئي.

**

ڳوٺ تنهنجي جي ڪا ڳلي ڪونهي،
تنهنجي خاطر مون جا رلي ڪونهي.
اڄ چو تنهنجو اداس چهرو آ،
نڪ ۾ تنهنجي اها ڦلي ڪونهي.

**

نيڻ تنهنجي اکين جا اجارا،
چڻ تہ آهن صدين جا اجارا.
اڄ تہ پنهنجو چئي مونکي سڏ،
لفظ تنهنجي چپن جا اجارا.

**

مرڪ تنهنجي چپن جي سلامت رهي،
منهنجي دعا تي صنم تاقيامت رهي.
توکي لک لک وڌايون جنم ڏينهن جون،
توتي رب جي هميشہ عنايت رهي.

**

پيار جي بدلي لڙڪ ڏئين ٿو
مونکي روئاري ٺهڪ ڏئين ٿو.
مون تي صدمن جي بارش ۾،
ٻين کي مٺڙي مرڪ ڏئين ٿو.

**





منهنجون توسان جڏهن کان اڙيون هن اکيون،
ساڙ ۾ ڪيترن جون سڙيون هن اکيون.
شوق ڏاڍو ڪتابن پڙهڻ جو اٿي،
ڇا ڪڏهن تون اسان جون پڙهيون هن اکيون.

**

دردن جا ميڙاڪا رهندا،
تيسين نيڻ نراشا رهندا.
منهنجي دل ۽ ذهن تي هر پل،
يار اوهان جا قبضا رهندا.

**

نانءَ هوندي بي نام ٿي ويا هون،
جاڪون تنهنجا غلام ٿي ويا هون.
توسان پنهنجي نسبت جو ٿي آهي،
قابلِ احترام ٿي ويا هون.

**

پيار جا توکي ڏنا ها واسطا،
پو بہ تو مونکان ڇنا ها واسطا.
جنهن مهل هٿڙو ڇڏائي تون هلين،
پار ننڍڙي جيان رنا ها واسطا.

**

ذلف زنجير منهنجي جاني جا.
نيڻ ٻئي تير منهنجي جاني جا.
آءُ هڪڙو تہ سلامي ناهيان،
ڪي ئي مير پير منهنجي جاني جا.

**

تنهنجي يادن ڪان لڪي ڪاڏي وڃئون.
تون ڏس ڏي او مني ڪاڏي وڃئون.
توينا ڪير به ناهي منهنجو
تنهنجي در تان به اٿي ڪاڏي وڃئون.

**

نيڻ ازخود اوهان سان اڙي تا پون,
ساز سڪ جا سمورا ڇڙي تا پون.
مان وڃڻ ٿو گهران ڪنهن ٻي شهر ڏي,
پر قدم منهنجا تو ڏي لڙي تا پون.

**

زندگي جي پڇا زندگي تي ڪري,
خوش رهڻ جي دعا زندگي تي ڪري,
پاڻ پنهنجا خدرا نه دشمن ٿيو
هٿ ٻڌي التجا زندگي تي ڪري,

**

توسوا ايئن تي حياتي گذري,
ڪنڌ تي جيئن ڪنهن جي ڪاتي گذري,
توکي اندازو ئي ناهي دلبر,
ڇا قيامت مون متان تي گذري,

**

مونکي ڪاتي مرڻ جو غم آهي,
توکان وڇڙي وڃڻ جو غم آهي.
بزم الفت آ آخري پنهنجي,
تنهنجي ٿوري ويهڻ جو غم آهي.

**





تنهنجي چهري جي هڪڙي جهلڪ ٿا گهرئون,
کهڙو توکان اسان يار لک ٿا گهرئون.
توکي خوشيون مبارڪ هجن ئي پرين,
توکان تنهنجي حصي جا ڏک ٿا گهرئون.

**

دل جاڻي ۽ دلبر جاڻي پنهنجو ڇا؟
رهندڙ جاڻي ۽ گهر جاڻي پنهنجو ڇا؟
ڪفرجي فتويٰ ڪيئن ڏئين ٿو زاهد تون,
بندو جاڻي پرور جاڻي تنهنجو ڇا؟

**

شام جا پاڇا لڙيا تون آن ڪٿي؟
آسرا سولي چڙهيا تون آن ڪٿي؟
نانءُ تنهنجي جا هزارين اي پرين,
مون وظيفا هن پڙهيا تون آن ڪٿي؟

**

تنهنجا نيڻ جهڙالا چمچن,
ڪنگڻ چوڙيون والا چمچن.
ڪلهن تي ڪيرايا اٿي,
تنهنجا وار سي آلا چمچن.

**

منهنجا عرض مِنٿون مڃو دلربا,
ڇڏي ايئن نه مونکي وڃو دلربا.
اجهو سج آهي لهڻ تي پڳو
اسانجو نه روضو پڄو دلربا.

***

## چام صنم سنڌي



## چام صنم سنڌي جو جيون خاڪو

نالو:-بينظير
ادبي نالو:-چام صنم سنڌي
جنم ڀومي:-مورو
ادبي استاد: راشد مورائي
ڇپيل ڪتاب:-سنڌ منهنجي صنم 2022ع

چو سچائي نہ آهي ڪويءَ جي ڳالا ۾،
حياتي ٿي گذري ڄڻ ڪربلا ۾،
سُخنوَرَ سچائي "صنم" پوءِ بہ رهندي،
رهي روشني جيئن شمع جي جَلا ۾.

❊❊

سرهيون رهن سڀئون هي صنم،
مرڪن پٽ جون پٽون پيي صنم،
رهن در منهنجي دعائن جا دراز،
هجن نہ ڪنهن لاءِ پٽون ڪي "صنم".

❊❊

books.sindhsalamat.com



هر ماڻهو هڪ ڪتاب آ،
هر ڪتاب لاجواب آ،
سرورق سڀ صورتون سهڻيون،
هر دل اندر "صنم" ڄڻ سهڻو باب آ.

❊❊

لکندي لکندي سکي ويندا سي،
نيٺ اهڙو شعر لکي ويندا سي،
ڳالهہ صنم جا پنهنجي هوندي،
چئي تلوار کان تکي ويندا سي.

❊❊

تنهنجو وڇوڙو جيءَ جو جهورو،
توکي ياد ڪري ٿو مورو،
سچ "صنم" تہ راشد جو ڪو،
سنڌ نہ لاهي سگهندي ٿورو.

❊❊

سنڌ سان آهي پيار اسان جو،
تهذيب سندس سينگار اسان جو،
پيار امن جا گيت چئون ٿا،
چرچو آ چوڌار اسان جو.

❊❊

خوشحال رهي سنڌ سدائين،
برسن بادل جنهن تي سدائين،
دم دم "صنم" دعاڳو آهي،
جيئي ڏينهن قيامت تائين.

❊❊❊

sindhsalamat.com

## علي حسن سرڪي



## علي حسن سرڪي جو جيون خاڪو

نالو:ـ علي حسن ذات:ـ سرڪي

والد جو نالو:ـ حاجي محمد ڄمڻ جي تاريخ:ـ 10 مارچ 1974ع

ڄمڻ جو هنڌ:ـ مير عالي بازار خيرپور ميرس سنڌ

تعليم:ـ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس پرائيويٽ سال 1996ع)

لکڻ جي شروعات:ـ سال 1990ع

شاعري جي شروعات:ـ سال 1994ع

شاعري جو استاد:ـ قطعي جو بادشاھ شاعر اميد خيرپوري

ادبي سُڃاڻپ:ـ شاعرُ، ليکڪ، اديب، محقق

پسند جي صنف:ـ غزل، چؤسٽو وائي، بيت

### ڇپيل ڪتاب

اجان سوچ ۾ آهيان سال 2015ع شاعري

سُڌِ سچلَ جي سال2016ع تحقيق معلومات

وساري ڇڏيو تي سال 2017ع شاعري

زنده رکندي شاعري سال 2020ع شاعري

رهائش ايڊريس:ـ نزد سرڪي موڙ هاڪي گرائونڊ لقمان خيرپور ميرس سنڌ

موبائل نمبر:ـ 03083629021

03135787110





### عليؑ جو مُنڪر

سچو آدمي ڪو نہ ڪنهن سان لڙي ٿو
اجايو اسان سان پيو هُو اڙي ٿو.
اسان مَستَ ماڻهو ڳيئون ٿا عليّ جو
انهيءَ مهل منڪر جو سينو سڙي ٿو.

### حامي قلندرؒ

عليّ وٽ ٿِئي ٿو سلامي قلندرؒ،
”حَسَنَ“ سنڌ وارن جو حامي قلندرؒ.
اسان تي وڏي مهرباني خدا جي ٿي آهي،
سڃاڻپ سچل شاھُ سامي قلندرؒ.

### اڌرات

هِڪَ دل لڳي ڪري آ، سڪراتِ ڇو اسان کي؟
آهي وَئي وڪوڙي، فڪراتِ ڇو اسان کي؟
ڪا ننڊَ ناھ ”سرڪي“، بيچينِ ٿو رهان مان
هي ڏينهن پيو لَڳي ٿو، اڌراتِ ڇو اسان کي؟

### سلامي پکين جا

ڏنا کوڙ آهن ڪلامي پکين جا،
اَجان پيو ٿِين ٿا سلامي پکين جا.
نہ ٻُوليون اُهي هاڻَ ”سرڪي“ ٿيون ٻُڌجن،
وَيا ٻُولَ ڪاڏي اڏامي پکين جا.

### لوڪ طعنا ڏنا

ڏک ٿيندو رهيو تون نہ آئين اَجان،
وقتُ ويندو رَهيو تون نہ آئين اَجان.
لوڪَ طعنا ڏنا مون کَٽي سي سَنا،
ڏُوھُ ڏيندو رَهيو تون نہ آئين اَجان.

## جاني جمال

”سرڪي“ ڪمالُ ٻَٽنجي، سَپَ جون پون هي جيڪر،
جاني جَمالُ ٻَٽنجي، سَپَ جون پون هي جيڪر.
ڇو ٿا اسان ڪي ماريو هي زَهرُ ڏئي هٿن سان؟
سوچون سَوالُ ٻَٽنجي، سَپَ جون پون هي جيڪر.

## فيصلا عجب

سڄڻ جا سلسلا، هوندا عجب آهن،
اکين جا هي نشا، هوندا عجب آهن.
سوا جنهن جي گهڙي بہ نہ ڪا سَري ”سرڪي“،
اُنهيءَ جا فيصلا، عجب هوندا آهن.

## واٽَ وڏن جي

نياز نوڙت اسان جي هٿن جي هئي،
واٽَ پنهنجي اُها، جا وڏن جي هُئي.
مان تہ جُهوپي ۾ ڄايس، جوانُ بہ ٿيس،
هيءَ خوشبو سموري، ڪکن جي هئي.

## رَبَ جي رضا

اسان پاڻ اوکا هي رستا ڪيا هِن،
ڪڏهن ڪينَ ڪنهن سان ڪي ليڪا ڪيا هِن.
ملي آ ڏڪارت، جنين ڪان ”حَسَنَ“ ڪي،
رضا رَبَ جي سمجهي سي پنهنجا ڪيا هِن.

## اَڳيان اَڳيان

ڪنڊا گلاب جهڙا، منهنجي اڳيان اڳيان،
آهن اُجاڙ رستا، منهنجي اڳيان اڳيان.
ڏاڙي ۾ رات رهزن جيڪي ڏٺا اکين،
دشمن هيا سي پنهنجا، منهنجي اڳيان اڳيان.





## ڪڏهن نہ ٿيندو

خاموش ٿي گذارڻ، مون کان ڪڏهن نہ ٿيندو،
نفرت مان هي نهارڻ، مون کان ڪڏهن نہ ٿيندو.
تو پاڻَ هِنَ محبت کان مُنهن ڇڏيو مٽائي،
تو يارَ کي ڏڪارڻ، مون کان ڪڏهن نہ ٿيندو.

## مُنافقُ

”حَسَنَ“ بيوفا کان وفائي نہ ٿيندي،
ڪُوڙي آدميءَ کان سچائي نہ ٿيندي.
رکو آس ”سرڪي“ شرابي پينگيءَ ۾،
منافق کان ليڪن پلائي نہ ٿيندي.

## گهٽيون نفرتون

حقارت بہ تنهنجي عداوت بہ تنهنجي،
وٽي ٿي اسان کي ڪدورت بہ تنهنجي.
گهٽيون نفرتون ٿي ويون يارَ آهن،
کپي ٿي اسان کي محبت بہ تنهنجي.

## ڇَڏي سندُ وَڃُ تون

ٿئي ڌَرُ تو ٽڪرا ڪرين يَرَ متان تون،
اچي سنڌ ۾ هِتِ لَٽون آن ڪٿان تون.
پٽي غيرَ تنهنجون ڪي پاڙون قلندرُ،
ڇڏي سنڌ منهنجي هليو وڃ هتان تون.

## پڇتاءُ ڇاجو؟

ڪا خوشي ناهي ڏني تو زندگي،
ڪنهن قدر ناهي ڪيو ڇو زندگي؟
موتَ جي مُنهن ۾ وِجهي ٿا خوش ٿين،
دل ڏئي پڇتاءُ ڇا جو زندگي؟

❊❊❊

## نوبت ڏهر



### نوبت ڏهر جو جيون خاڪو

نالو:۔نوبت ڏهر
والد جو نالو:۔علي حسن
ذات:۔ڏهر
عمر :۔44 سال
تعليم:۔ ايم اي سوشيالاجي
پسند جا ڪتاب:۔ قران مجيد،
ڀٽائي جو رسالو ۽ سچل جو رسالو
پسند جا شاعر :۔شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح، استاد بخاري ۽ زاهد شيخ
پسند جا ليڊر :۔سائين جي ايم سيد، رسول بخش پليجو ۽ بابا سائين
پسند جي موسم:۔سيارو ۽ بهار
پسند جا گلوڪار:۔سرمد سنڌي، احمد مغل، منظور سخيراڻي ۽ ساگر سنڌي
پيشو:۔تعلقہ سرويلنس آفيسر (WHO)
موبائل نمبر 03083398086
ايڊريس:۔پنهنجو گهر ڳوٺ حاجي غازي خان ڏهر پوسٽ ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعور جي ڪٽي چٽنگ،اڇو تہ ڀاريون لاٽ،
ڇڏي جهالت کي اسين، سچ جي وٺون واٽ.
فتني، فساد کي تڙي، ڪيون اوچو ڀاٽ،
ڦندا ۾ ڦاسي گهاٽ، ڏسي مرڪن پاڻ کي.

❋❋

سڪ مارئي آهي توکي ماروئڙن جي،
تات مارئي آهي توکي سانگيئڙن جي.
پلاءَ طعام ڇهرا سڀ عياشون فٿي ڪيون تو،
ياد آئي جڏهن توکي بک ڏنارن جي.

❋❋

ماءُ جي لولي سان پيار ڪرتون،
پنهنجي ٻولي سان پيار ڪرتون.
ڏور ٿي ويندون رڪاوٽون سڀ،
ماءُ جي جهولي سان پيار ڪرتون.

❋❋

پڙهڻ سان اتساهہ پيدا ٿئي ٿو،
لکڻ سان چاهہ پيدا ٿئي ٿو.
اي ٻار معصوم ڪر تون محنت،
تو مان بادشاهہ پيدا ٿئي ٿو.

❋❋

هئي جهوپڙي ڪکائين، سا ڍهي پئي،
آسمان کليل هيٺ ماءُ ڪا رڙي پئي.
ولر هو پنهنجو هر ٻچو هو سهارو،
پنهنجن بنا ”نوبت“ زندگي جهري پئي.

❋❋





نہ مندر نہ مسجد اندر رب راضي ٿيندو آ،
انسان انسان جي خدمت ڪر رب راضي ٿيندو آ.
ڏکائي نہ دلڙي رب رهندو دلين ۾،
رک جوڙي دلڙيون ”نوبت“ رب راضي ٿيندو آ.

❋❋

ڪينڪي ڪنهن جا بہ واٽا نہ ٿيو،
سکل ماني جا بہ پاپا نہ ٿيو.
بس رکو دل ۾ ڪا غيرت جي ذري،
ديس دشمن جا بہ چاٽا نہ ٿيو.

❋❋

ڌاريا سنڌ ڇڏي وڃو ڌرتي اسان جي ماءُ آ،
ڪٽبو نہ قدم پوئتي ،صدقي ڪيو ساهہ آ.
ڌرتي تنهنجو قرض ،خوب هاڻ لاهبو،
ڳولي پلاند ڪبو ڏنو جنهن ايذاءُ آ.

❋❋

هي ماڻڪ ۽ موتين جا داٽا اٿئي،
اهي نياز ۽ نوڙت جا راٽا اٿئي.
اجايون تون تن جون گلائون ڪرين ٿو،
هي محبوب مکڻ جا چاٽا اٿئي.

❋❋

دڳ ۾ ديد آ، تون ڪٿي آن؟
آئي عيد آ، تون ڪٿي آن؟
انگل تنهنجا سڀ مچيا ها ”نوبت“،
ڪيو پوپو خريد آ ،تون ڪٿي آن؟

❋❋

ٻاتڙي زبان سان پئي، چئي پيءُ کي،
لوڙهي چو ٿو بابا، پنهنجي ڏيءُ کي.
نہ گهرندس خرچي، نہ ڪندس تنگ،
ڪوماڙي پتڪڙي، تو رکيو خوش ونيءَ کي.

❊❊

ڪتا غير ٿي ويا ڌرتي کي لٽڻ لاءِ،
هريا هير ٿي ويا ڌرتي کي لٽڻ لاءِ.
ڏسي چپ سبيل وسيلن تي ”نوبت“،
گدڙ شير ٿي ويا ڌرتي کي لٽڻ لاءِ.

❊❊

مرون مروان مارٽڻ خواب منهنجو،
آزادي ”نوبت“ ماڻڻ خواب منهنجو.
روڪ سگهين ٿو تہ روڪ اي وقت يزيز،
ڳاڙهو جهنڊو ڦڙڪائڻ خواب منهنجو.

❊❊

ادب ۽احترام نڪري ويو،
ڪرڻ سلام وسري ويو،
بي حيائي عروج تي آ ”نوبت“،
الائي چو انسان بکري ويو.

❊❊

هٿ ۾ گلاب ڪٽي نڪتي آهي،
اڪيلي هڪ ڇٽي نڪتي آهي.
ڀانيان خوشنصيب ”نوبت“ ٿو،
اڇين آڱڻ هرٽي نڪتي آهي.

❊❊





چند ڏوڪڙن ۾ وڪي، ٿو انسان نياڻي،
ٻگهڙن اڳيان ڪپائي، ٿي عزت جوان نياڻي.
اهو بہ وقت هو عزت ،حياءُ هئي نوڙت،
معاف خون ٿيندا ها، ست قرآن هئي نياڻي.

❊❊

سادي صاف سٿري، نہ رکندي آ مير چوڪري،
ڳهي ٿي وجهي، ڪٽي ٿي جڏهن پير چوڪري.
ماڻهو ماڻهو جا پري ڪن ڪڍن عيب ٿا،
”نوبت“ مون لاءِ آهي، ڪنڌ ڪير چوڪري.

❊❊

نئون سال آ سني اميد ٿا رکون،
هر ڏينهن کي مٺي عيد ٿا رکون.
هجن محبتن جا مچل ميلا ”نوبت“،
خوشي مرڪ چمي خريد ٿارکون.

❊❊

مئخاني ڏي وڃڻ ٿيو اڄ،
مدهوش ٿي نچڻ ٿيو اڄ.
روبرو پيوڏسان يار کي،
يارکي پسي چمڻ ٿيو اڄ.

❊❊

# مهر فقير



## مهر فقير جو جيون خاڪو

نالو: اختر نواز عرف بادشاه مهر
ادبي نالو :_مهر فقير
والد جو نالو:_ غلام نبي مهر
ذات:_مهر
عمر :_53 سال
تعليم:_ايم اي ايڪانامڪس
پسند جا ڪتاب:_قرآن شريف ۽ شاه جو رسالو
پسند جو شاعر :_شاهه لطيف
پسند جا ليڊر:_حضرت محمد صلعم ۽ شاهه لطيف
پسند جي موسم:_ گهر ياتين سان گڏ پيار جي موسم
پسند جو گلوڪار:_هر اهو فنڪار جيڪو سٺي شاعريءَ سان ماحول ۽ معاشري کي مهڪائڻ لاءِ سرهاڻ وکيري ٿو
پيشو:_سرڪاري نوڪر
ڇپيل شاعري:_گڏيل شاعريءَ جا 06 ڪتاب
موبائل نمبر 03003335422
ميل maharfaqeer123@gmail.com
ايڊريس:_مهر فقير معرفت محمدي ميڊيڪل اسٽور ڳڙهي ياسين ضلعو شڪارپور سنڌ.
مهر فقير معرفت سنڌ ڪتاب گهر پٺائي چونڪ چڪرا ڳوٺ ڪورنگي 01 ڪراچي سنڌ.





### ڏوهي

تنهنجي حسن جي ڳالهه نه ڪيان ته ڏوهي ٿيان,
نماڻن نيڻن جي ڳالهه نه ڪيان ته ڏوهي ٿيان.
مون ته ازل کان ئي تنهنجي سونهن کي آ پوڄيو
”مهر“ مرڪن جي ڳالهه نه ڪيان ته ڏوهي ٿيان.

### بادشاه

چنڊ ڪان چانڊوڪي کو ڪسي نه سگهندو,
عاشق ڪان عاشقي کو ڪسي نه سگهندو.
اختر نواز کي پيار مان بادشاه چوندا آهن,
پر ”مهر“ کان فقيري کو ڪسي نه سگهندو.

### مٽي

چانهن ڇمي ڇڏجي ته ڪيئن ڇڏجي,
اهڙي زندگي ڇڏجي ته ڪيئن ڇڏجي.
مٽن کان مٽي آهي ”مهر فقير“ ڇئي جا,
سا سهڻي ڇڏجي ته ڪيئن ڇڏجي.

### واڪ

شعر, شاعري, شاعر ٿا وڪامجن,
جڻ دوڪان تي ٿائر ٿا وڪامجن.
سچ نه لڪ اڙي او چريا ”مهر فقير“,
بازار ۾ واڪ تي ماهر ٿا وڪامجن.

### نشو

عمر جي جنهن به حصي ۾ رهيم,
عشق جي ئي من قصي ۾ رهيم.
نه ڪيڙهم بيو ڪو نشو ”مهر فقير“,
سدائين نيڻهن جي نشي ۾ رهيم.

**ڪنول**

ڪنول هان ڪينجهر ۾ رهندس،
اي يار تنهنجي ئي در ۾ رهندس.
تون تون جي رهندي تار "فقير" ڪي،
پل جي مان من قبر ۾ رهندس.

**ماني**

ايڏا لقب خطاب نہ ڏيو
اڻ ڳڻيا عذاب نہ ڏيو.
ٻچن سوڏو بک تي هان،
ماني ڏيو ڪتاب نہ ڏيو.

**دربان**

شيشو آهيان پٿر نہ هڻو
پشم آهيان خنجر نہ هڻو.
در جو ڪريو دربان فقير،
تعنا مهڻا اي "مهر" نہ هڻو.

**حال**

نوان نہ پر ڪر بحال پراڻا،
او صنم عشق جا سال پراڻا.
جتي ڇڏي وئين اتي آهيون،
آءُ اچي ڏس من حال پراڻا.

**دوست دشمن**

دوست هيو پاڪر پاتائين،
ڪلي پنيءَ ۾ خنجر هنيائين.
دشمن هيو سو هڪل ڏنائين،
وار سڌو سيني تي ڪيائين.





**غير ضروري**

ڪنگهجي ڪڙڪجي پر نہ غير ضروري،
رات جو جاڳجي پر نہ غير ضروري.
چوڏس چورن جا ٽولا ٽا گهمن "فقيرا"،
چوڦير نظر رکجي پر نہ غير ضروري.

**ياد**

اوڏڪي پت ڪاٺ جو در ياد آهي،
ڳوٺ جي پرسان وارو شهر ياد آهي.
سالن بعد لکي مڪائين خط "فقير"،
مون تي عاشق هيو "مهر" ياد آهي.

**شعور**

جوان ٿي جيئجي، زال جو ور ٿجي،
اڱڻ اجرو رکجي، گهر سندو در ٿجي.
قلم ڪتاب ئي آهي طاقت شعور نور،
زمين ڪيڙجي "فقير"اُن لاءِ هر ٿجي.

**قتل**

آئين قانون دستور قتل،
ٿي رهيو آه شعور قتل.
اچو ڪٽي اهڙي ڪا دوا،
ٿي وڃي "مهر" سور قتل.

**اولاد**

وٽوهڙ سان پينبڊ پچي ٿي،
هارياڻي بہ جنگ ڪري ٿي.
ڪوڏر سان گڏ قلم ڪتاب،
پڙهه "فقير" اولاد کي چئي ٿي.

### راڄ

شينهن جي ملڪ ۾ گدڙن جو راڄ،
چوڏس چوڦير آ ڪچرن جو راڄ،
ڪھڙي ڪيان حقيقت بياني ”فقيرا“،
خدا جو قسم آهي ڪدڙن جو راڄ.

### عدت

هاءِ اڳواڻ اسان جا عدت ۾ آهن،
سدا غريب بک جي شدت ۾ آهن،
نہ عدت ڪٽندي نہ شدت اي ”فقير“،
اهي بيئي نہ ڪنهن مدت ۾ آهن.

### ٺناگر

منزلون چون ٿيون مسافر اڇن ٿا،
ڪندا قوم جي هو واهر اڇن ٿا.
هتيا متيا نہ گهٽيا اي ”مهر فقير“،
ڏسو ڏسو سنڌ جا ٺناگر اڇن ٿا.

### هاڪ

تنهنجي حسن جي هاڪ تي هان آيو،
ها مان هاٽي چڙ ٽاڪ تي هان آيو.
ماڪ هئي گس ۾ ترڪيس ٿي ”فقير“،
انهي جي ڪري ئي ٽاڪ تي هان آيو.

### ننڊ

ننڊ ڪندي خوابن ۾ ڪوه قاف تا ڳولهيون،
عينڪ پائي بتي باري انصاف تا ڳولهيون،
ڇهري تي ڇهرو چڙهيل آ هتي او ”مهر فقير“،
ها پر انهن منجهه دليون صاف تا ڳولهيون.

***





## تنها سخاوت شيخ



### تنها سخاوت شيخ جو جيون خاڪو

نالو :-سخاوت شيخ
والد جو نالو:-محمد علي شيخ
ڄمڻ جي تاريخ :-1984ع
لکڻ جي شروعات:- 2000ع
لکيل صنفون:-غزل، وايون، نظم، ترائيل، گيت، چوسٽا
ڇپيل ڪتاب:-ڪوبہ نہ
ڇپيل شاعريءَ گڏيل ڪتابن ۾:- ”وايون مهڪيون واٽ تي“
”موتين مالها شاعريءَ“ ”زنگجِي ويل خواب“ سهيڙندڙ مبين اڇڻ
ڪرت:-سوشل ورڪر ڊسپينسر
ايڊريس:-ضلعو خيرپور ميرس تعلقو نري ميرواهہ پوسٽ آفيس پيير وسڻ
ڳوٺ زوار محمد رمضان شيخ
موبائل نمبر:-03077968421

## زندگي

درد جو سامان آ زندگي،
فڪر ۽ فرمان آ زندگي.
وقت گذري ٿو وڃي تيز ٿي،
بس رڳو ارمان آ زندگي.

## ذات

مون ۾ هي شور آ ذات جو،
۽ بقا دور آ ذات جو.
چنڊ وانگي تہ چمڪي پيو،
”شيخ“ هي مور آ ذات جو .

## عشق

اڄ ڪئي سخاوت عشق آ،
عمر جي بناوت عشق آ.
هن مٽي ۾ رچي ٿو پيو،
”شيخ“ ڪئي سجاوت عشق آ.

## دور

درد جو هلي اڄ دور ٿو،
سوڳ جو ملي اڄ دور ٿو.
ٿو مري پيو بک تي هتي،
بک جو رچي اڄ دور ٿو.

## چور

ديس اڄ چور جي هٿ ۾ آ،
وقت هي نَور جي هٿ ۾ آ.
هت رلي ٿو تہ وارث پيو،
ظلم دم دور جي هٿ ۾ آ.





## سفر

اسان هليا وينداسين اڪيلا اڪيلا،
اتي سڀ ڪجهہ ڏينداسين اڪيلا اڪيلا.
رهي رهبو هتڙي تہ ڀلا ڪيترو،
هتان پل ڪن ڏينداسين اڪيلا اڪيلا.

## شهر

شور آ شهر ۾ ڪٿو عاشق،
او ميان سفر ۾ ڪٿو عاشق.
هت رلي ٿو پيو ڳلي ۾ ئي،
بي وجا نگر ۾ ڪٿو عاشق.

## چنڊ

آ ستارن ڏني چمي چنڊ کي،
ڄڻ سهارن ڏني چمي چنڊ کي.
روشني ٿي ڪري پئي رقص اڄ،
۽ نظارن ڏني چمي چنڊ کي.

## بارات

سات ۾ بارات جوڀن جي هلي ٿي،
۽ روس ۾ رات جوڀن جي هلي ٿي.
عشق ٿي هاڻي ڪري ڳڀرو جواني،
هر ڳلي ۾ بات جوڀن جي هلي ٿي.

❊❊❊

## اويس ساگر سومرو



## اويس ساگر سومرو جو جيون خاڪو

نالو :ـ اويس احمد

ادبي نالو :ـ اويس ساگر سومرو

والد جو نالو:ـ منير احمد

ذات:ـ سومرو

ڄمڻ جي تاريخ :ـ 01 مارچ 1994ع

جنم ڀومي:ـ ڳوٺ مهتاڻا، تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور ميرس

تعليم:ـ ايم.اي سنڌي ادب

ڪرت:ـ خانگي ملازم

شاعري جي شروعات:ـ 2015ع کان

لکيل صنفون:ـ غزل، بيت، وائي، چؤسٽو نثري نظم ۽ آزاد نظم

ڇپيل ڪتاب:ـ ”تن تشنگي تار“،

”جهونڪا پورب واءُ جا“ گڏيل شاعري مرتب وفا چولياڻي

اڻ ڇپيل مواد:ـ ”پنج ڪنواريون“ امرتا پريتم جي ڪهاڻين جو سنڌي ۾ ترجمو ۽ ٻارن لاءِ انگلش گرامر

رهائش:ـ G/204 ريلوي انجڻ شيڊ ڪالوني نيو پنڊ سکر





هر ڳالهه توکي ٻڌايان ضروري ته ناهي،
سڀ رازَ دل ۾ لڪايان ضروري ته ناهي.
تون ڳولهه پنهنجي دشمن کي پاڻ ئي،
هر هڪ مان ڏيکاريان ضروري ته ناهي.

**

تنهنجي هر سوال جو جواب لکيو آ،
توکي عشق جي گلن ۾ گلاب لکيو آ.
مثال محبت جو پلا ڀيو ڪيئن ڏيان،
تنهنجي سونهن تي مون ڪتاب لکيو آ.

**

اسان جيئان تُون جِي ڏيکار،
زهر کي اَمرت تُون پِي ڏيکار.
ٿا روز سِڪئون ڏُکَ پاڻيءَ لاءِ،
ٿي سنڌي جڳ ۾ تُون جِي ڏيکار.

**

ٿي پوندي دلڙي چو نه باغ بهار،
سڄڻ جي تون ايندين هڪ وار.
ويران ڳليون منهنجي دل جون،
ڏسي توکي مهڪنديون هر بار.

**

هاءِ ڪيڏي رُسوائي تو ڏني پيارَ ۾،
رڳو دردَ ۽ جُدائي تو ڏني پيارَ ۾.
مُون ته گهري پئي پيارَ جي محفل،
ڳوڙها ۽ اڪيلائي تو ڏني پيارَ ۾.

**

ڪو ڪنڌ ڪپائي ويو ڌرتيءَ جو فرض نڀائي ويو!
ڪو ڪنڌ جهڪائي ويو ڌرتيءَ جي ٿڄ لڄائي ويو.
ڪو ماڻهو هو مُلهہ املھ، ڪو ماڻهو ٻڄي ويو ٽوها!
ڪو مرد ضمير ڪپائي ويو ڪو ماڻهو ڪوڙ ڪمائي ويو.

**

سارا ديپ جيون جا وسائي وڃي ٿو
ڏسو يارو هاڻي ڊسمبر موڪلائي وڃي ٿو.
بيٺل آرسيءَ تي اڃان بہ ڪائي ناري آهي،
رهيل آبَ اکين مان سڀ وهائي وڃي ٿو.

**

سنڌي ٻولي پنهنجي آهي پياري ٻولي،
ساري جڳ ۾ هي آهي پلاري ٻولي.
شاهَ سچل ۽ ساميءَ جي هيءَ،
ماروئڙن جي آهي جياري ٻولي.

**

سارا گُل، گُلشن سڀ ڪومائي وڃي ٿو
ڏسو يارو هاڻي ڊسمبر موڪلائي وڃي ٿو.
ٻڌائي پتنگ پرينءَ جي چاهَ ۾ "اويس"،
نندُون ورهيہ جون هُو ڦٽائي وڃي ٿو.

**

غريب سمجهي مونکي ٺڪاري ڇڏيو ٿو
قصو ماضيءَ جو هٿم جو وساري ڇڏيو ٿو.
سپنا سارا چور ڪري وئين منهنجا،
ڪلنڌي "اويس"ڪي چو روئاري ڇڏيو ٿو.

***

books.sindhsalamat.com



## مشتاق بخاري



### مشتاق بخاري جو جيون خاڪو

نالو:_مشتاق احمد شاهه ادبي نالو:_مشتاق بخاري
والد جو نالو:_ غلام شاهه بخاري جنم:_ 27 آڪٽوبر 1969ع
ڳوٺ:_ لونگاڻي تعلقو ڳڙهي ياسين ضلعو شڪارپور
تعليم:_ ايم.اي اڪنامڪس،سنڌي،ايم ايڊ، ايم فل جاري
ملازمت:_ رٽائرڊ ٽيچر لکڻ جي شروعات:_ 1989ع
ڇپيل ڪتاب:_ (1) گيتن جهڙا ٻار (ٻارن لاءِ شاعري) 1998ع
(2) پيار جي موٽ ۾ (چؤسٽا) 1999ع
(3) سونهن سنسار جي (ٻارن لاءِ شاعري) 2001ع
(4) سار جي خوشبو (100 غزل) 2004ع
(5) هڪ وجود_ڪيئي وجود
(ڪوثر ٻرڙي جون ادبي ۽ فني خدمتون ايم اي سنڌي لاءِ لکيل مونو گراف) 2009ع
(6) سفر چاهتن جو (ڪوثر ٻرڙي سان گڏ شاعري) 2012ع
(7) هلبو وڃبو هاڻ_ (قمر ڪوسي ڪي پيتا) 2019ع
(8) شهيد روبينہ اجڻ جي خون سان انصاف وارو سوال (مبين اجڻ سان گڏ _ مرتب) 2022ع
(9) هاءِ ڪيڏو پري ويو آهين (اشرف زمان پيرچندامي‌ءَ جي شخصيت ۽ ادبي خدمتن ڪي پيتا) 2022ع
(10) موتين مالها (گڏيل شاعرن جي شاعري) مبين اجڻ سان گڏ مرتب _2022ع
(11) نظمن جا نيڻ (گڏيل شاعري) مبين اجڻ سان گڏ مرتب 2022ع
موبائيل نمبر:_ 0300_3191872

sindhsalamat.com

تنها جڏهن ٿيندو آهيان.
تو وٽ تڏهن ايندو آهيان.
تنهنجو در پيي بند ڏسي پو،
واپس موٽي ويندو آهيان.

**

جيئڻ جو ڪو ڏس ته ڏيو.
اهڙو مونکي گس ته ڏيو.
موت اچي ويو پوءِ به زنده،
مونکي يارو جس ته ڏيو.

**

مونکي پنهنجي واٽ ته ڏس تون.
پنهنجا گهير ۽ گهاٽ ته ڏس تون.
اونده ۾ به لهان مان توکي،
اهڙي روشن لاٽ ته ڏس تون.

**

مونکي تنهنجي تاٽ نه گهرجي.
پيار جي ڪا برسات نه گهرجي.
توکي پائي ڪو نه سگهيس مان،
باقي ٻي سوغات نه گهرجي.

**

جلائن تا جدائيءَ جا لمحا،
ستائن تا جدائيءَ جا لمحا،
هونءَ ته پٿر دل به آهيان مگر،
رئارن تا جدائيءَ جا لمحا.

***





## زيب مغيري



### زيب مغيري جو جيون خاڪو

نالو:_ اورنگزيب مغيري
ادبي نالو:_ زيب مغيري
والد جو نالو:_حاجي عارب مغيري
ادبي حيثيت:_شاعر
جنم تاريخ:_ 7 جنوري 1978ع
ڪرت:_ زمينداري
جنم هنڌ:_ سردار واهه لعلو رائنڪ ضلعو قنبر شهدادڪوٽ
ڇپيل ڪتاب:_ نظر لڳي وئي
گڏيل شاعريءَ جا ڪتاب:_ ”زنگجي ويل خواب“
”اڪين جي اڪيلائي“
اڻ ڇپيل مواد:_ ٻن ڪتابن جيترو
لکڻ جي شروعات:_ :1990ع
تعليم:_ مئٽرڪ پاس
رهائش:_ ڳوٺ سردار واهه لعلو رائنڪ ضلعو قنبر شهدادڪوٽ
فون نمبر:_0311_1825599

## چؤستا

خوشيءَ جو ڪال آهي تو بن،
گهڙي ٻه سال آهي تو بن.
اڇي تون ڏسي وچ جيون ۾،
”زيب“ وڏو خال آهي.

**

وک وک تي هُو آزاري تو،
صدما ڏئي اندر ڳاري تو.
دل جي ريگستان ڌرتيءَ تي،
طوفان درد جو هُو اُٿاري تو.

**

قرار جو سڄو چني ويو،
پيار جو سڄو چني ويو.
ڪرائيندو هو دريءَ مان ٻيهي،
ديدار جو سڄو چني ويو.

**

اڇي ڏس تون نه ڪير آهي،
ٻيو دل اندر نه غير آهي.
مون اکڙيون وڇائي ڇڏيون،
تو رکيو ڇو نه پير آهي.

**

درد ڏئي دل ڏاري وئي آ،
نيڻن کي ته روئاري وئي آ.
واسطا سمورا ڪٽي مون کان،
بي موت جڻ ماري وئي آ.

**

books.sindhsalamat.com



ڏس هي ويچاري دل ڇا ڪري،
دردن جي ماري دل ڇا ڪري.
پيار ڏئي مون کي پنهنجو
تو ناهي ٺاري دل ڇا ڪري.

**

اڱڻ من اڇين ته آجيان ڪبي،
ملڻ من اڇين ته آجيان ڪبي.
دشمنيون ڇڏي ”زيب“ سان جي،
نهڻ من اڇين ته آجيان ڪبي.

**

روز ڪا نه ڪا ناري ٿي ٿئي،
هت اغوا يا ته ڪاري ٿي ٿئي.
سدائين قيد آ ڪوٺن ۾،
آزاد نه ويچاري ٿي ٿئي.

**

وقت الائي ڪهڙو ٿو هلي،
گهر گهر ۾ جهيڙو ٿو هلي.
پٽ ڇڏيو پيءُ کيڏي گهران،
دربدر آ پوڙهو ٿو هلي.

**

متان رلائي دلڙي مون کي،
چريو بڻائي دلڙي مون کي.
تون نيائي کو نه سگهندين،
ڏي موٽائي دلڙي مون کي.

**

sindhsalamat.com

پائيندو آ ڪوئي ڪوئي،
نڀائيندو آ ڪوئي ڪوئي.
پيار ڏئي پنهنجو ڪري ”زيب“،
سمائيندو آ ڪوئي ڪوئي.

❊❊

دنيا سچي نہ ڪلاءِ دلبر،
دوستي تون نڀاءِ دلبر.
”زيب مغيري“ تنهنجو آهي،
هرويرو نہ ڦٽاءِ دلبر.

❊❊

ڪنهنجي نہ ڪوڙ ۾ آياسي،
پيار جي پڪڙ ۾ آياسي.
توڏي تحفو آڻي نہ سگهيو
هٿ خالي تڪڙ ۾ آياسي.

❊❊

سنڌي نارين ڏسو دوستو،
ٿين ڪارين ڏسو دوستو.
ڏير، مڙس يا پائرن هٿان،
وڃن مارين ڏسو دوستو.

❊❊

تنهنجو تہ چاھ ناهي دلبر،
مون سان ڇو ٺاھ ناهي دلبر.
ڪڏهن ويندو نڪري اوچتو
دم تي ويساھ ناهي دلبر.

❊❊





سنڌي من ۾ رڪندو ناهي،
مندي من ۾ رڪندو ناهي.
ڪڏهن ڪنهن لئہ ”زيب“ سوچ،
گندي من ۾ رڪندو ناهي.

❊❊

ملڻو پوندو توکي هاڻي،
اڇڻو پوندو توکي هاڻي.
پيار جي سفر ۾ گڏجي ”زيب“،
هلڻو پوندو توکي هاڻي.

❊❊

ڪيڏو ڪلور ڪري ويو آ،
مون کان هُو پري ويو آ.
هاڻي چا ڪري ”زيب مغيري“،
درد جيون ۾ پري ويو آ.

❊❊

روز غريب روئي ٿو
غريب جو نصيب روئي ٿو.
مهنگائي جو طوفان ڏسي،
شاعر ۽ اديب روئي ٿو.

❊❊

تون سرڪار، مان تہ نوڪر،
توبن بيڪار، مان تہ نوڪر.
سون چاندي کان وڌ آهي،
تنهنجو پيار، مان تہ نوڪر.

❊❊❊

## معشوق "مُحسن" ابڙو



### معشوق محسن ابڙي جو جيون خاڪو

اصل نالو: _معشوق علي ابڙو
ادبي نالو:_معشوق "مُحسن"
والد جو نالو:_علي گل ابڙو
جنم جي تاريخ:_ سومر 01 مارچ 1993ع،
بمطابق 6 رمضان المبارڪ 1413ھ
جنم ڀومي:_ڳوٺ وارياسو تعلقو مورو
ضلع نوشهروفيروز
تعليم:_ ايم. اي، بي. ايڊ. ايم. ايڊ ايل. ايل. بي
ڪِرت:_استاد
ادبي سُڃاڻپ:_شاعر، مضمون نويس، ڪالم نگار ۽ ڪمپيئر
لکڻ جي شروعات:_ باقاعده 2014ع کان
ادبي استاد:_سائين راشد مورائي ۽ سائين سيد منظور علي شاھ "منظور"
ڇپيل ڪِتابَ:_ گڏيل شاعريءَ جا ڪِتاب ۽ سهيڙيندڙ:

(1) سُخنوَرُ سِندُ ڌرتيءَ جا: احساس ميرل سامروتي پبليڪيشن ٿرپارڪر، 2017ع
(2) سپنا صَليب تي: اعجاز انڙ، سَمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، 2018ع
(3) ڪُونج قَطارون ڏات جون: ڪونج بلوچ مُرڪ پبليڪيشن ڪراچي، 2019ع
(4) ڪيئن الائي عيد آئي!؟: احساس ميرل سامروتي پبليڪيشن ٿرپارڪر، 2020ع
(5) ڌَرتي ڌَڻِي شاعر استاد بخاري (مقالا) تابش بخاري ۽ سجاد يوسف سومرو مُرڪ پبليڪيشن، 2020ع
(6) ديپڪ جا تہ شخص آ!؟ علي عاجز شر سرمد لائبريري پڪا چانگ، 2021ع
(07) شهيد روبينہ اڇڻ جي خون سان انصاف وارو سوال!؟
مُشتاق بُخاري ۽ مبين اُڇڻ. بُخاري پبليڪيشن، اپريل 2022ع
(08) نظمن جا نيڻ مُرتب: مُشتاق بُخاري ۽ مبين اُڇڻ
بُخاري پبليڪيشن، آڪٽوبر 2022ع

اڻ ڇپيل مواد: منثور ۽ منظوم ۾ تقريبن ڇئن ڪتابن جو مواد موجود آهي!
رهائش: ڳوٺ وارياسو02 تعلقو مورو
ضلع نوشهروفيروز موبائل نمبر: 03003264248





### امان

آغوش تنهنجي ۾ سُمهان مون لئہ اَمان! فِردوسُ آ.
ناراضگِي تنهنجي نصيبن جو تہ چڙ ڪوڪوسُ آ.
معشوق "مُحسنَ"ڪي مِلي شَفقتَ شفا ٿِي تو وَٽان،
عَظمتَ سندءِ سَمجهي نہ جو اَڇاڙَ تي اَفسوسُ آ.

### ٿهڪ ۽ ٽڪ ٽاڪ

اڄ ڏسي وٺ منا ، پو نہ ڏسندين ڪڏهن!
ٿهڪ ٽِڪ ٽاڪ تي پو نہ ٻڌندين ڪڏهن!
موت "معشوقَ محسنَ" جڏهن پهچندو
ڪيئن آهين ڪٿي پو نہ پڇندين ڪڏهن!

### سجدو

سونهن کي سجدو ڪرڻ سوکو لڳو.
چاهَ جو چسڪو چکڻ چوکو لڳو.
عشق ئي "معشوق" من اُجرو ڪيو.
عشق کان آجو ٿيڻ اوکو لڳو.

### واڪا

واهڻ وستي وڻ وڻ واڪا،
ڏيهہ ڏکن جا ڏوري ڏاڪا.
"مُحسن" مظلومن جي آهن،
ٿهڪن تي تاندا ۽ ٽاڪا.

### سسئي

پِنِي سُورَ سَسُئِي ڏِنگا ڏيرَ ٿِي پِيا!
ڀِاڙُن ۾ پُرندي پِنُون پيرَ ٿِي پِيا!
هُيا مورَ مهمانَ"معشوقَ مُحسنَ"،
ڦِري نيٺ پَنهنجا غُنبا غيرَ ٿِي پِيا!

## ماني

جهوپڙيءَ ۾ جُوانُ جذبو راتِ پر جاڳي جُهري ٿو!
ڀاڳُ ڪنهنجو بي قراريءَ جي تہ بارش ۾ ڀُري ٿو!
ماتِ جو مُصَلو وِڇائي باوضو بيهي ٻُڪارو،
ساهہ سجدي ۾ خدا کان پورُ مانيءَ جو گُهري ٿو!

## آب حيات

توکي ڏِسي ڏُکن کان ملندي نجات آهي!
جنهن رات تون ملين ٿو سا شَبِ بَرات آهي!
”معشوقَ“محبتن جو ڏي جامُ جامَ اوتي،
لَبَ جو لُعابُ مُون لئہ آبِ حَيات آهي!

## عشق

عِشقُ اَمانَتَ عِشقُ آسان لئہ عينُ عَبادَتَ!
سوچَ صَداقَتَ راڳُ رِياضَتَ اَمَنُ عَدالَتَ!
موجَ مَزا ”معشوقَ“ محبّتَ مَستُ مُدامِي،
سُونهن سَعادَتَ سِنڌُ سَلامَتَ ساٿُ سَلامَتَ!

## شناسائي

توسانُ ڪَئِي آ مُون جنهن شامَ شَناسائِي!
بي اَنتُ ڀِيا ڀوڳين هيءُ نيڻَ نِراسائِي!
”معشوقَ“ محبّت کان دِلِ دُور ڏُکي دَم دَم،
شَب روزُ رَسائي ٿِي ايذاءَ اَڪيلائِي!

## دهشت

دهشتن جو هيءُ دجالي دؤر آهي!
ظلمتن جو اڄ زمانو زور آهي!
وقت بک تي ڪيئن ”محسن“ ٿا ڪٽين،
ڪنهن غريبن ڏي ڪيو ڪو غور آهي!

***





## شبير حسن گبول



## شبير حسن گبول جو جيون خاڪو

نالو:-شبير احمد گبول

ادبي نالو:-شبيرحسن گبول — تخلص:-شبيرڻ

والد جو نالو:-علي حسن گبول — جنم سال :-17 فيبروري 1978ع

جنم هنڌ : ڳوٺ جاني گبول ڏهرڪي گهوٽڪي

تعليم:- B.A (سيڪنڊ ڊويزن) 1997ع

ادبي استاد:-ڪامريڊ علي حسن گبول، استاد پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي گبول، صوفي فقير مختيار علي گبول ڏهرڪي، استاد بشير احمد تعبير سومرو ۽ استاد مفتون ڪورائي ميرپور ماٿيلو.

اسٽيج ڊرامن ۾ استاد:-صوفي فقير استاد مختيار علي گبول ۽ اورنگزيب ساگر سميجو(ڏهرڪي)

شاعريءَ جي شروعات:-ننڍپڻ کان ئي 1990ع باقائده شروعات 1992ع

ڇپيل ڪتاب:-تاريخ گبول بلوچ، ڇپيل گڏيل شاعري جا ٻہ ڪتاب
(1) نظمن جا نيڻ (2) زنگجي ويل خواب

لکيل صنفون:-غزل، وائي، ڪافي، گيت، نظم.

ڪرت:-واپڊا ملازم ( سيپڪو سکر ) ڳوٺ ۽ ڀرپاسي ۾ ادبي ميڙاڪن ۾ منسلڪ رهندڙ سنڌي ادبي سنگت ڏهرڪي سان بہ منسلڪ رهندڙ.

ڇپيل ڪتاب:-تاريخ گبول بلوچ، ”نظمن جا نيڻ“ ۾ ڇپيل شاعري، مختلف رسالن ۾ اخبارن ۾ پڻ ڪافي شاعري ڇپيل

ايڊريس:- ڳوٺ جاني گبول واپڊا آفيس ڏهرڪي گهوٽڪي

موبائيل نمبر:- 0301_3984140

تنهنجي عشق ۾ سڀ ڪجهه پلائي ويناسي،
جڏهن کان پاڻ کي تو ۾ ملائي ويناسي.
ڪنهنجو ڪو ڏوهه نہ ناهي ”گبول شبير“،
بس پاڻ تي پاڻ خلق کلائي ويناسي.

❊❊

پوڳن پوڳن ۾ دل چورائي وئين،
ائين نيڻن مان گهل چورائي وئين.
ڪهڙي ڏوهه جي سزا ڏين ٿو ”شبير“،
کلندي کلندي کل چورائي وئين.

❊❊

پيار جي نالي ۾ دل ڦسائي ويناسي،
خبر ئي نہ پئي دل کسائي ويناسي.
پاڻ ئي ظالم بڻجي، ڪري ظلم ”شبير“،
ڪيڏا درد دل تي وسائي ويناسي.

❊❊

مان ڪيئن مڃان تون منهنجو آن
تون سچ ٻڌا تون ڪنهنجو آن
هي ڪهڙو طريقو ”شبير“ رکيوئي
سڀ ڪنهن کي چوين ٿو تنهنجو آن

❊❊

بي رحم ڪڏهن مهربان آ؟
اهو منهنجو ير ايمان آ
هر شي کي سمجهي ٿي
دل ڪعبہ ۽ قرآن آ

❊❊





ها هي حقيقت آ، حقيقت آ، هي حقيقت آ،
مورت آ، هي پنهنجو هڪو ئي صورت آ
ڏار هڪٻئي کان، نہ جي سگهبو، نہ رهي سگهبو،
”شبير“ کي تنهنجي، تو کي منهنجي ضرورت آ.

❊❊

محبتي آهن ڳالهہ ٻڌ او پيارا،
ڳوٺ جاني گبول جا ماڻهو سارا.
اعتبار ناهي تہ اچ ملي ڏسي وڃ،
پوءِ پاڻ ئي چوندين، آهن دل وارا.

❊❊

توکي ڏسان پيو ثواب ٿيندو آ،
مون کي مزو لاجواب ايندو آ.
چو ٿو هيڏي هوڏي منهن کي ڦيرين،
ڏس سڄو مزو ٿي خراب ويندو آ.

❊❊

رڳ رڳ ۾ پئجي ساهہ ويندو آ،
منهنجو وڏي ير چاهہ ويندو آ.
کلندي کلندي ٿهڪ ٿي نڪري ئي،
”شبير“ کان نڪري واهہ واهہ ويندو آ.

❊❊

ڪنهن لاءِ ٽڙيو آهين ”شبير“،
ڏاڍو ڪو چريو آهين ”شبير“،
جيڪي پيار سمجهن ئي نٿا،
اتي وڃي اڙيو آهين ”شبير“.

❊❊

هن تيزي جي جهان ۾ ڇڙو آ وٺ سٽ،
ڪنهن کي ڏيون دانهن ڪوئي ناهي ڪنهن کان گهٽ.
ڇڏ ڇڏ ڪوڙ ٽيو ڇريا ڪنهن رڙ ڪري ڇيو مون کي،
جان ڇڏ ”شبير گبول“ هاڻ ٻارن وانگر مٿو نہ ڇٽ.

**

ڏاڙو هٽي وئين دانهن ڪنهن کي ڏيان،
دشمن ٻٽي وئين دانهن ڪنهن کي ڏيان،
پهريون سڪون ئي سڪون هو ”گبول شبير“ کي،
دل جو ڪٽي وئين دانهن ڪنهن کي ڏيان.

**

تو رکيا ڇپن تي ڇپ، مزو لاجواب هيو.
ياڪر ۾ پريل پيار ۾ سپ ثواب هيو.
ڏاڍا سرور چڙهيا مان پئي مزو ورتم،
”شبير“ اچانڪ اک کلي، هئہ! اهو سپ خواب هيو.

**

پاڻ سان پاڻ سمجهوتو ڪري وٺ،
ها سوچن ساڻ سمجهوتو ڪري وٺ.
سو ڪجھ ڪري وٺ جيڪو ڪرڻ چاهين ٿو،
ڪجھ ڪنهنجي ڪاڻ سمجهوتو ڪري وٺ.

**

ويڙھ ازل کان جاري آ،
ڏس ڪوڙ جي مارا ماري آ.
ذاتي ساڙ ڪيڻ جي خاطر،
اڄ بہ تہ نياڻي ڪاري آ.

**





هن تيزي جي جهان ۾ ڇڙو آ وٺ سٽ،
ڪنهن کي ڏيون دانهن ڪوئي ناهي ڪنهن کان گهٽ.
ڇڏ ڇڏ ڪوڙ ٽيو ڇريا ڪنهن رڙ ڪري ڇيو مون کي،
جان ڇڏ ”شبير گبول“ هاڻ ٻارن وانگر مٿو نہ ڇٽ.

**

جيڪو لڪل هو راز سو ٻاهر ٿي پيو آ،
لاٿاسين ڪپڙا تہ سپ ڪجھ ظاهر ٿي پيو آ.
ٻوٿ جاني گبول ڏهرڪي وارو بہ او يارو،
ٻڏو آ تہ هاڻي ”شبير“ بہ شاعر ٿي پيو آ.

**

غزل جي آخري تڪ وانگر آهين،
چانهہ جي آخري ڍڪ وانگر آهين.
”شبير حسن گبول“ خدا جو قسم آهي،
سجني! دعا جي ٻڪ وانگر آهين.

**

سنڌ سان الفت نہ ڇڏجان،
سنڌ سان صحبت نہ ڇڏجان.
ڪيڏيون بہ ٿين سازشون پر،
سنڌ سان محبت نہ ڇڏجان.

**

ٻرامي بازي ڇڏ مٺا،
سڏ سان ڏجي سڏ مٺا.
هيڪل وڻ بہ ناهي ٺهندو،
اڄ گڏاريون گڏ مٺا.

**

مزي سان ويهي جهوٽين ٿو ڪو جهولو تہ ناهيان مان،
ائين مون کي ڪيڏين ٿو ڪرڪيٽ ڪو پولو تہ ناهيان مان.
تنهنجي اڳيئون منهنجي دل جي ڪا قيمت آهي يا ناهي ”شبير“،
تو جيڏو سستو سمجهيو آهي ايڏو نرم ڪولو تہ ناهيان مان.

**

منهنجي دل لڳي جي بانور تي تڏهن جهٽڪان تو ڏين،
چڙهي وئين دل جي ٽاور تي تڏهن جهٽڪان تو ڏين.
هئو هئو سمجهيم ”شبير“ ڇا لاءِ جهٽڪان ڏين تو،
پنهنجي حسن جي پاور تي جهٽڪان تو ڏين.

**

توکان سواءِ زندگي آ موهن جو دڙو،
پاڻ سان گڏ رک دلبر ڪر نہ ذرو ذرو.
تنهنجي هٿ آ، جوڙيندين جڙي پوندس،
ڳالهہ آ ڪري ”شبير گبول“ بہ آهي تو جهڙو.

**

پيار ۾ پرين منهنجو ٿي تہ ڏيکار،
ڪيئن سهان ٿو سختيون سهي تہ ڏيکار.
ڪير آ پنهنجو خبر پئجي ويندئي ”شبير“،
ائين ڀڃي ڀڃي وري ٺهي تہ ڏيکار.

**

متان ڇڏين تون پيار جو رستو،
هي دنيا آهي ڏکن جو دستو.
تون هرپل کي مهانگو سمجهہ ”شبير“،
ائين سمجهہ نہ ير وقت کي سستو.

**





فاعلن، مفعولن، مفاعيلن ڪي ڪون ڄاڻون ٿا،
تڪ تڪن سان ملائي اڳتي ڪم هلايون ٿا.
نہ گرامر جي خبر ”شبير“، نہ علم عروض جا ماهر،
جڏهن ٿئي عشق الهام ! لفظ لفظ سان ملايون ٿا.

**

سنڌو ڪناري مٿان سمهيم ڪو گناهہ نہ ڪيم،
هن ڌرتي مٿان گهميم ڪو گناهہ نہ ڪيم.
ڌاريا تہ ڌاريا آهن ”شبير“، تن تي ميار ڇا؟
سنڌو جي مٽي چميم ڪو گناهہ نہ ڪيم.

**

تو کي پنهنجو ئي سمجهيس ڪو ڏوهہ تہ نہ ڪيس،
سڪ ونڻ ۾ ڏيڻ آيس ڪو ڏوهہ تہ نہ ڪيس.
ڇو موڊ خراب ڪرين ٿو ٿورڙي ڳالهہ تي ”شبير“،
صرف پيار لاءِ تہ چيس ڪو ڏوهہ تہ نہ ڪيس.

**

مڃان ٿو تہ جاني ڪونہ تون مڃيندين،
ڪيڏو بہ چوان توکي اڄ ڪون ايندين.
تنهنجي عادتن کان واقف ”شبير“ آهي،
جڏهن موڊ ٺهندئي سڏي پيار ڏيندين.

**

ناهي ڪنهن کي ڪل، غم ڇيخن ٿا،
هي اندر ۾ آ هل، غم ڇيخن ٿا.
ملي تہ هئين چوندس هون چوندس،
رات ٿيندي ئي بلڪل، غم ڇيخن ٿا.

**

شروعات خوشي سان ڪيان يا غم سان، سوچ ۾ آهيان،
بس پيار آهي هڪڙي تنهنجي ئي دم سان، سوچ ۾ آهيان.
ميدان ۾ مخالف پنهنجي پيار جا بيهاري، ٻڌين ٿو ”شبير“،
اڏائي ڇڏيان سارا هڪڙي ئي بم سان، سوچ ۾ آهيان.

❋❋

هاءِ هاءِ هي گناهه ٿي ويو آ،
ها تو سان جو پيار ٿي ويو آ.
ڪافر، يزيد ڪو لوفر سڏي ٿو ”شبير“،
تون ئي آن سڀ ڪجهه اعتبار ٿي ويو آ.

❋❋

ڏينهن ڏکيا گذرن ٿا سوا تنهنجي صنم،
اڄ پيار ۾ پاڻ ٻئي ٿي وڃون ضم.
تون دور ”شبير“ کان رهي نه سگهندين،
ڪجهه سمجهه پرين ايذا ڏي نه تون غم.

❋❋

هر هر پيار ئي پيار منجين ها،
جي تون منهنجي خوف ۾ مبتلا هجين ها.
جيئن پنهنجي پيءُ کان ڊڄين ٿو ”شبير“،
ڪاش ائين تون مون کان ڊڄين ها.

❋❋

تون پاڻ کي پاڻ خوار نه ڪر،
درد کي پنهنجو يار نه ڪر.
”شبير“ جيئندين هر هر مرندين،
دل چيو هيم اين پيار نه ڪر.

❋❋





مون ڏي ڪجهه پري کان نظرون کٽي ملايس،
منهنجي دنيا کي هڪ منٽ ۾ کٽي هلايس.
بدنامي کان هونءَ به ڊڄندو هيس ”شبير گبول“،
ويٺي ويٺي مون تي خلقت کٽي کلايس.

❋❋

ڪنهن سهڻي سان اقرار ڪري ڏسجي،
دل گهي ٿي ٻيهر پيار ڪري ڏسجي.
وفا ۽ بي وفا جهڙيون ڪري ڳالهيون،
”شبير“ ٻيهر دل خوار ڪري ڏسجي.

❋❋

ڪڏهن ڪڏهن اسان سان به مل سهڻا،
دل سان پائي پاڪر ڪجهه ته کل سهڻا.
”گبول شبير“ مڃين نه مڃين مان ڄاڻان ٿو،
ڪجهه تنهنجي به آهي مون سان دل سهڻا.

❋❋

نه رهيو بهار ساڳيو ته ڇاهي،
نه رهيو يار ساڳيو ته ڇاهي.
ياد دنيا ڪندي ”شبير“ جي نالي سان،
نه رهيو پيار ساڳيو ته ڇاهي.

❋❋

ڪري وئين نل لٽندي لٽندي،
کٽي وئي آ کل کٽندي کٽندي.
هاڻي جيئن وٺي ئي ڪر ”شبير“،
ٽٽي جو وئي آ دل ٽٽندي ٽٽندي.

❋❋

مان زورين زبردستي اچي توسان چنبڙان اهو مناسب تہ ناهي،
تون ٻئي لاءِ سنبرين مان تو لاءِ سنبران اهو مناسب تہ ناهي.
تنهنجي دل نٿي چاهي تہ ”شبيرحسن گبول“ کي ٻڏائي ڪٽي،
اجايو سجايو خوامخواه وڙهي ڪلي نبران اهو مناسب تہ ناهي.

❊❊

او يارو ٻين جي بنگلن مٿان چڙهي مون ڏي نہ ڏس،
ٻين جي گاڏين تي لت رکي ويهي مون ڏي نہ ڏس.
دل جي ٻولي، جي سمجهين ها ”شبير جاناڻي“ تہ پوءِ،
ڪڏائي غيرن سان سيليفيون ٻيهي مون ڏي نہ ڏس.

❊❊

هر وقت تنهنجي ڪيڏ لڳندا هئاسين،
تنهنجي ئي سڏ ۾ سڏ ڏيندا هئاسين.
ڪجھ ياد ڪر ”گبول شبير حسن جاناڻي“،
ڪڏهن ڏينهن رات گڏ هوندا هئاسين.

❊❊

چيائين ماني ڪائڻ اهنجو نہ آ،
مون جهڙو پيار ۾ رانجهو نہ آ.
ائين نہ ٿي ”شبير“ جئين سوچين پيو،
ٻئي کي پنهنجو ڪرڻ سانجهو نہ آ.

❊❊

مون ڪيون هيون هن تي ٿوڪون،
اجايون آهن، تنهنجون ڪوڪون.
پيار جي خبر تڏهن پئي ”شبير“،
ڇڏي ويون جڏهن پنهنجون مرڪون.

❊❊





وڏا، مون کي يادن ۾ هرهر ماري ڇڏيئي،
وڏا، مان ياد بہ آهيان يا وساري ڇڏيئي.
وڏا، ”گبول شبير“ جي بہ ڪا ڳڻ ڪندين يا نہ،
وڏا، ٻڏاءِ مون کي ڪنهن جي سهاري ڇڏيئي.

❊❊

مڇ ڪچهري بہ تہ سنڌ جي ثقافت آ،
ويهي سور سلڻ محبت جي علامت آ.
بي فڪر ٿي فرض نڀائيندو هل ”گبول شبير“،
اجا جوڌا زنده آهن، سنڌ سلامت آ.

❊❊

نہ راڻو آ، نہ راڻي آ،
نہ نانو آ، نہ ناني آ.
نالو رهندو الله پاڪ جو،
هت هر شي تہ فاني آ.

❊❊

ٿو داڻو ڳولي داڻي کي،
ٿو پاڻي ڳولي پاڻي کي.
مون هرجاءِ تي ڏٺو آ ائين،
ٿو سياڻو ڳولي سياڻي کي.

❊❊

## سرائيڪي چؤسٽا

ڪڏان نہ پؤنداهين ڪڏين لڙ پؤنداهين،
ڪڏان ڪڏان خوش تي ڪل ڪل ڪر پؤنداهين.
تيڏي سمجھ ني آئي اڄ ڏينهن تائين ”شبيرڻ“،
ڪڏين ڪڏين ذرڙي ڳالھ تي چڙ پؤنداهين.
❋❋

تيڪون چوڙ ڏيوان اهو رواج ڪونهي،
مين پيار نہ ڪران اهو مزاج ڪونهي.
جنهن ڈاڪٽر ڪنون وڃ پڇ ”شبيرڻ“،
اهين دل دا ڪوئي علاج ڪونهي.
❋❋

جڏان ڪنهن نال تيڏا پيار تيسي،
جڏان ڪنهن تي تيڏا دل بيتاب تيسي.
هنجون ڪيوين اکان وچون وهندي هن،
تڏان قطري قطري دا حساب تيسي.
❋❋

هڪڙي مسئلي مس حل پئي تيندي هن،
ڈوجهي وات پتي پئي ير آؤندي هن.
هڻ ڪنهن ڪنهن دا وات پران ”شبيرڻ“،
مين تي مسئلي ڏيک تي ڪل پؤندي هن.
❋❋❋

ميڪون تيڏي هر ادا وٽندي هي،
تيڏي چڻ هر مداع وٽندي هي.
وڪرا ! انداز هي ”شبير“ ڳالهاوڻ دا،
ڏيک تي مشڪڻ صدا وٽندي هي.
❋❋





## اياز شاھ اداسي



### اياز شاھ اداسي جو جيون خاڪو

نالو:ـ سيد اياز علي شاھ بخاري
ادبي نالو:ـ اياز شاھ اداسي
والد جو نالو:ـ سيد سڪندر علي شاھ بخاري
ذات:ـ سيد
جمڻ جي تاريخ:ـ 01 جنوري 1989ع
جنم يومي: ڳوٺ الياس اوڍو
ادبي سڃاڻپ: شاعر ۽ فنڪار
ڳائڻ جي شروعات: 1997ع
لکڻ جي شروعات: 2000ع
تعليم:ـ مڊل
شاعريءَ ۾ استاد: والد سائين سڪندر علي شاھ بخاري، مشتاق بخاري
پسند جو ڪتاب:ـ قرآن شريف
پسند جو شاعر:ـ شاھ عبداللطيف ڀٽائي
پسند جي موسم:ـ بهار جي موسم
پسند جو گلوڪار:ـ نصرت فتح علي خان
ڪرت:ـ ذاتي ڪاروبار
ڇپيل گڏيل شاعري: ”ڪونج قطارون ذات جون“، ”ڏيئا جرڪيا ڏيھ ۾“ ”اڪين جي اڪيلائي“
موبائل نمبر:ـ 0346_1388424_0306_1223495
ايڊريس:ـ پوسٽ آفيس ڍڪڻ تعلقو ڳڙهي ياسين ضلعو شڪارپور

ماڻهوءَ ماڻهوءَ ۾ ڪردار پنهنجو پنهنجو آ.
هر شخص جو قرب ۽ پيار پنهنجو آ.
دنيا جي دستور ڏي اگر ڏسجي تہ ”اُداسي“،
قوم قوم جو بہ تہ سردار پنهنجو پنهنجو آ.

**

نئون سج اڀريو نوان سور جاڳيا،
تاريخ بہ بدلي منهنجا خيال ساڳيا،
ڪالهہ همراهن کي ٻُڌَ لڳل هئي،
نہ خبر پئي تہ هُو چور ها يا ڀاڳيا.

**

اسان سان نصيب ۾ ڪو نڀائيندو ئي ناهي،
سچي دل اسان سان ڪو لڳائيندو ئي ناهي،
ڇيڙي تار عشق جي ڪيترائي ويندا هِن،
وري اسان جي لاءِ ڪو پڇتائيندو ئي ناهي.

**

عشق کان سواءِ انسان اڌورو آ،
چنڊ ستارن کان سواءِ آسمان اڌورو آ،
دنيا ۾ دولت بہ ضروري آ ”اُداسي“،
پر سهڻن کان سواءِ بہ تہ جهان اڌورو آ.

**

نہ چاهيندي بہ توکي چاهي ويناسي،
سانگو سر تان سڄڻ لاهي ويناسي،
بيوفا ماڻهوءَ لاءِ بس ڙي ”اُداسي“،
پنهنجن پراون سان ڦٽائي ويناسي.

***





# عامر انصاري



## عامر انصاري جو جيون خاڪو

نالو:_عامر علي انصاري
ادبي نالو :_ عامر انصاري
والد جو نالو:_ محمد صالح انصاري
ذات:_ انصاري
ڄم جي تاريخ :_ 01 مارچ 1996ع
پسند جو ڪتاب:_ديار دل داستان محبت (جي.ايم.سيد)
پسند جي شخصيت:_شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سائين جي.ايم.سيد ۽ عبدالواحد آريسر
پسند جا شاعر:_شيخ اياز، استاد بخاري، تنوير عباسي
تعليم:_ايم.اي
ڇپيل ڪتاب_وايون مهڪيون واٽ تي، نظمن جا نيڻ، شهيد روبينہ اجڻ جي خون سان انصاف وارو سوال؟، (مرتب: مبين اجڻ)
رابطي لاءِ موبائل نمبر:_ 0305_9835183
ڏس پتو:_ ڀٽائي ڪالوني کهڙا تعلقہ گمبٽ ضلع خيرپور ميرس

ڪڏهن هلڪو ڪڏهن ڳورو لڳي ٿو،
وڇوڙو زهر جيان ڪوڙو لڳي ٿو،
ڪائي ويا شهر ڪي نانگ بلائون،
واڳن جو ڄڻ ڪو ويڙهو لڳي ٿو.

❋❋

ڇٽا ڪين آهيون ڇباڙي سگهو ٿا،
عاشق آهيون ساڙي سگهو ٿا،
اسين جي ايم سيد جا وارث،
رڏون ڪين آهيون جو واڙي سگهو ٿا.

❋❋

ڪاري رات غلامي جي ٽارڻ گهرون ٿا،
آزادي جو روشن سج اڀارڻ گهرون ٿا،
ڇڏي ملان جو مذهب ڪنيوسي تنبورو،
شاهہ سامي جو نعرو لڳائڻ گهرون ٿا.

❋❋

جڏهن انڌيري ڪي ڏسنداسين،
تڏهن ڏيئو ٻٽجي ٻرنداسين.
هوشو، هيمون، بشير جيان،
سنڌ خاطر سوليءَ چڙهنداسين.

❋❋

زندگي سنڌ سان،
دل لڳي سنڌ سان،
ڪعبو وطن منهنجو
بندگي سنڌ سان.

❋❋❋





## مبين اڇڻ



### مبين اڇڻ جو جيون خاڪو

نالو:_محمد مبين
ادبي نالو :_مبين اڇڻ
والد جو نالو:_حسين بخش
ڄم جي تاريخ :_ 1991ع
تعليم:_بي.اي
ڪرت:_دوڪاندار
لکڻ جي شروعات:_
ادبي استاد:_ عبدالرزاق اڇڻ
پسند جون شخصيتون:_بابا سائين، امڙ سانئڻ ۽ ڀاءُ ربڏنو اڇڻ
ڇپيل ڪتاب_وايون مهڪيون واٽ تي، پره ڦٽيءَ جا پنڌ، شهيد روبينہ اڇڻ جي خون سان انصاف وارو سوال؟، موتين مالها شاعري، گيڙو رنگ شاعري،نظمن جا نيڻ، زنگجي ويل خواب
رابطي لاءِموبائل نمبر :_ 03023216877
ڏس پتو:_ کهڙا تعلقہ گمبٽ ضلع خيرپور ميرس

## چؤسٽا

وقت وڇوٽيون ڪٿيون آهن،
رات اونداهيون مٿيون آهن.
هاڻ نہ سهبا ظلم ڪنهن جا،
تڪليفون سخت سٺيون آهن.

❋❋

هرڪو ٻولي پنهنجي ٻولي،
تون ٿو ٻولين هڪڙي ٻولي.
اڄ پکيئڙا ويجهو منهنجي،
گڏ تون مون کي پنهنجي ٽولي.

❋❋

اڇي ڏاڙهي ڪارو پٽڪو،
سائين ڪائي وِٺو گٽڪو.
هجري اندر ڪڇ ۾ ڇوڪر،
تنهن سان تنهن جي چمي چٽڪو.

❋❋

مسجد مندر هرڪو ويندو،
ماڻهو من ۾ پر ڪو ويندو.
جنهن جي زبان تي سوره محبت،
تنهن ڏي هر هر سڀ ڪو ويندو.

❋❋

ڏنگي ٿو وقت بلا وانگي،
ڪٽان ٿو هٿ دعا وانگي.
تنهنجي در تي بيٺو آهيان،
جهڪائي سر گدا وانگي.

❋❋





نٿي وٽئي جي خوشبو گلڙن کي ڪر نہ گدلو،
نفرت جا وڻ پوکي گلشن کي ڪر نہ گدلو.
پڄائي تون نياڻي پرائي ڪنهن گهر جي،
ماءُ پيءُ جي عزتن کي ڪر نہ گدلو.

❋❋

رناسين ڪلياسين اڪيلا اڪيلا،
ٿي پن پن ڇڻياسين اڪيلا اڪيلا.
زمانو ويو ڪائي خوشي اسان جي،
جلياسين سڙياسين اڪيلا اڪيلا.

❋❋

روشني ٿي کپي اکين جي لاءِ،
زندگي ٿي کپي اکين جي لاءِ.
ٿڪجي پيو هان روئي روئي،
خوشي ٿي کپي اکين جي لاءِ..

❋❋

سوچ اسان جي ذاتي آ،
دشمن جي لاءِ ڪاتي آ.
وڪڻين ٿو خون ٽڪن تي،
ڪوڙ جي پڳ تو پاتي آ.

❋❋

پکين جي ماٺ ماري ٿي،
سڀين جي ماٺ ماري ٿي.
ڦُري مرلي ويو ٿن ڪو،
جوڳين جي ماٺ ماري.

❋❋❋

## سنڌ جي مظلوم نياڻي
## ادي ام رباب کي پيتا

مبين اڇڻ

### چؤسٽا

ادي رباب جي جذبي کي آ جس،
نہ لالچ خوف جهڪائي سگهيس.
بيٺي آ ظالم آڏو پاڻ جبل ٿي،
مات ڏئي سردار کي کيائين بيوس.

**

قومي جذبو لوچ آهي،
مظلومن جي هوءَ سوچ آهي.
اکين ۾ ڳوڙها ۽ ڪارو ويس،
گهر ۾ ان جي اڄ بہ روڄ آهي.

**

سنڌ امڙ جي سورهيہ نياڻي،
رباب آهي قوم جي نياڻي.
شهيدن لاءِ ٿي انصاف گهري،
هڪ پيرين اگهاڙي نياڻي نماڻي.

**

ادي رباب انقلاب آهي،
فڪر ۾ سدا لاجواب آهي.
سپر سالار مظلومن جي،
سنڌين لاءِ گل گلاب آهي.

***







## شهيد روبينہ اڇڻ کي
## منظوم پيتا

مون تي آتي، ”اکين جي اکيلائي“،
ڪنهن نہ ڄاتي، ”اکين جي اکيلائي“.
تو جڏهن کان ”روبينا“ ڇڏي دنيا،
ڇڻ تي ڀاتي، ”اکين جي اکيلائي“.

## شهيد روبينہ اڇڻ کي منظوم پيتا

چام صنم سنڌي

جت بہ ٽيو کو شهيد آهي،
پک سمجهو اتي يزيد آهي،
کسي ٿي روز کا روبينا ”صنم“،
ظلم ڏينهون ڏينهن مزيد آهي.

❊❊

روبينا روح کي وٺي،
وئي گل گلاب جيان ڇٽي،
تو لاءِ گهري هر دم ”صنم“،
ٿي دعائون هٿڙا کٽي.

❊❊

روبينا راڄ جي راڻي،
سموري سنڌ جي نياڻي،
ڏک/غم تنهنجي ۾ امڙ،
روئي روئي ٿي آهي ساڻي.

❊❊

محفوظ نہ کا درگاهہ آهي،
وڏي رب جي بارگاهہ آهي،
پڪاريندي روز انصاف لاءِ،
ادي روبينا جي آرام گاهہ آهي.

❊❊

ظالم جت زور هجن،
۽ حاکم بہ چور هجن،
رت روئيندي چو نہ روبينا؟
ادارن ۾ جي سڀ نور هجن.

❊❊





امڙ جي اکڙين ۾ جهاتي پاتم،
سنسار جي هر ستم کي ڄاتم،
اک جي کاري پتلين کان پڇ ”صنم“،
وڇڙي ويل لڙکن جو ماتم.

❊❊❊

رنو پايڙو مبين آهي،
انصاف جو کيس يقين آهي،
کري شهيد حافظ قرآن،
رنجايو قاتل دين آهي،

❊❊

رڙندو رت بي گناهہ جو،
قاتل کاڄ دوزخ جي باهہ جو،
محروم نہ رهندو کو مظلوم،
ڏسندو انصاف بيپرواهہ جو.

❊❊

روبينا حافظ قرآن آ،
۽ نياڻي ست قرآن آ،
قرآن جي مالڪ اڳيان،
”صنم“ امڙ جهليو قرآن آ.

❊❊

قرآن تنهنجو ڏاڄ آهي،
تو شهادت جو پاتو تاج آهي،
صنم ۽ سنڌ سموريءَ جا ادي،
هي چوسٽا تولئہ خراج آهي.

❊❊❊

## علي حسن سرڪي

سِڪَ سوز پيڙ جي ۾ ڪو ساھ ٿو سَڙي پيو،
انصافُ ڪو نہ ٿيو ٿس، ڪو ياءُ ٿو رَڙي پيو.
قانونُ ڪوئي ناهي، ناهي ڪائي عدالت،
ٿي دادُ دانهَہ جو ڪو، سالن کان جو لَڙي ٿو.

❊❊

بکيو آدمي ٿي پنان ٿو وطن ۾،
نہ نانو نہ ناني ڏسان ٿو وطن ۾.
چو آواز منهنجو ٻُڌي ٿو نہ ڪوئي،
مان انصاف ”سرڪي“ گُهران ٿو وطن ۾.

❊❊

ڏکن جي ستايل کي ماري چڏيائون،
گُهتا ڏئي هٿن سان نپوڙي وڏائون.
هي ڪٽڪپال ننگري گواهي ٿي ڏي پئي،
”روبينا“ نياڻي کي بيڏوھ ڪُٺائون.

❊❊

سُکي زندگيءَ کي ڏکائي هليا ويا،
”روبينا“ اديءَ کي مِٽائي هليا ويا.
ڏٺائون نہ پوئتي لُڇي ڪا مَري وئي،
قضا جو هُو خنجر وهائي هليا ويا.

❊❊

نہ ماريو نہ ماريو نہ ماريو نہ ماريو،
اجايو اجايو، چَيو هو ”روبينا“،
نہ وحشي درندن کي آيو رحم ڪو،
بچايو بچايو چيو ”روبينا“.

❊❊





بي نورُ ٿي پَيو هان، ويو نورُ پيي نِهوڙي،
مظلومَ جي حقن لئہ، ڪوئي نہ ٿو پَتوڙي
انصافَ جون پُڪارون وينو پَيو ڪَيان ٿو
ماري چَڏيو ”مُبين“ کي، تو پيڙُ جي وچوڙي

❊❊

ڪنهنجي اکين جي آڏو سَنگسارِ شل نہ ٿي ڪو،
دنيا جهان اندر لاچار شل نہ ٿي ڪو.
بي درد، بي ڪمينن، ماري چڏي ”روبينا“،
”سرڪي“ غَريبُ ماڻهو، غَمخارِ شل نہ ٿي ڪو.

❊❊

بيمارَ کان ڪڏهن پيي ڪوئي پُڇڻ نہ ايندو
رَهندو پَري دنيا ۾، پَرجهلُو نہ ڪو بہ ٿيندو
ٿَڪجي پَيو مان آهيان، انصافَ جي ڪَري گُهرَ
مسڪينِ آدميءِ کي، انصافُ ڪيرُ ڏيندو؟

❊❊

گلن جي رتوچاڻ وادي ”روبينا“،
سني رهزنن آ تادي ”روبينا“.
شريعت، هدايت، حقيقت جي پابند،
هُئي ڪا نرم دل ۽ سادي ”روبينا“.

❊❊

سُڪي وئي اکين جي نَدي آهي،
هي مفلس جي دانهہ ٿي رَدي آهي.
”روبينا“ جا قاتل، ڪڏهن پڪڙبا؟
رُسي وئي مبين کان اَدي آهي.

❊❊

سوچ ۾، ذهن ۾، خيال ۾ ٿي رهين،
تون ئي ماضي، منهنجي حالَ ۾ ٿي رهين.
تون ”روبينا“ نہ وسري سگهين آن مون کان،
هر ڏکي ۽ سُکي سالَ ۾ ٿي رهين.

❊❊

شام ٿيندي ياد ايندي آهين،
صبح ٿيندي ياد ايندي آهين.
پهر هرڪو جڏهن اچي ڪاٽڻ ٿو،
رات ايندي ياد ايندي آهين.

❊❊

اڄ پيي گهمن ۽ ڦرن ٿا پيا،
تنهنجا قاتل ڏسندو آهيان.
منهنجي وس ۾ ڪجهہ پيي ناهي،
پيڻ ”روبينا“ پاڙي ناهيان.

❊❊

ننيڙا توڙي وَڏُ شاعر،
ڏين ٿا سَڏَ ۾ سَڏُ شاعر.
”روبينا“ تنهنجي ڪِيس ۾،
ليڪڪ سنڌ جا گَڏُ شاعر.

❊❊

گلشن جي سلطان ”روبينا“،
جيجل لئہ گُلدان ”روبينا“.
ورد نماز جي پابند ”سرڪي“،
پڙهندي هئي قرآن ”روبينا“.

❊❊❊

books.sindhsalamat.com



## صوفي امتياز پلال

تنهنجو چوڙيون سڳيون ۽ چلا ٿا پڇن،
جون جهڙا منهنجا حوصلا ٿا پڇن.
پيڻ توکي سفر آهي کهڙو وٺيو،
ساٿ جا ڪي ڪٽيل سلسلا ٿا پڇن.

❊❊

اسان جي درد جو فرياد ٿيندو،
اڙي او منصفو ڪو داد ٿيندو.
ڪُنِي آ پيڻ ڪاٽي سنڌ آ جڏهن،
ظلم ڪنهن کي اهو ڪو ياد ٿيندو.

❊❊

ڇا خدا کي ڳالهہ هي منظور آ،
رات آيو ڊوڙ پائي پور آ.
پيڻ تو آ پاءُ چو تنها ڪيو،
توسوا هيءَ زندگي جڏهن سور آ.

❊❊

تنهنجي خون ۾ چنڊ تاريخ داڳي،
اڄان سار تنهنجي وٽن ۾ آ ساڳي.
تنهنجو پيڻ ٿيو جو روبينا وڇوڙو،
ڪٽي آهي ”امتياز“ هر رات جاڳي.

❊❊

هوا ۾ نہ آيو وري ساءُ موٽي،
سڏي ٿي تہ توکي سڳي ماءُ موٽي.
ڏسي وچ هتي هر آ منظر ڏڪارو،
ادي او روبينا هلي آءُ موٽي.

❊❊

sindhsalamat.com

هوا ڪان پڇجان بغير تنهنجي ڏڪارو ڪيڏو مبين آهي،
لڙي وڙهي پيو جلاد هر سان سگهارو ڪيڏو مبين آهي.
شهر سوا تو ۾ پنهنجو گهر هي لڳي ٿو جڻ ڪو مقام آهي،
سواءِ تنهنجي ادي روبينا گذارو ڪيڏو مبين آهي.

❋❋

هن سنڌ جي ڪنهن سونهن کي آهي ڪنو
ڪانگ هر آهي ڪبوتر اڄ رنو.
هر جڳهه "امتياز" آ ماتم ٿيو
ڏينهن اڳ اهڙو نه مون آهي ڏٺو.

❋❋

شهر ۾ هاڻ ڪاٽي پرن ٽيون ٻتيون،
ڪين اپري سگهيون درد ۾ ڪي ڪتيون.
تولهٔ آهي رنو هي روبينا شهر،
ماءُ جون اڄ ڏسي وچ اجايل اکيون.

❋❋

تون جڏهن ڪان ٿي وئي آهين پري،
ها روبينا سنڌ پئي ريهون ڪري.
ياءُ تنهنجو درد ۾ آهي وتل،
سور جا پل پل پيو سڏڪا پري.

❋❋

موتي ايندو ڪير روبينا،
ڪيڏي ٿي وئي دير روبينا.
قاتل آهي زنده تنهنجو
پيٽيان وينو پير روبينا.

❋❋❋





**مظهر علي ميربحر**

تنهنجي گهر جا ٿالهه ۾ ٿالهيون،
ڪٽليون ساسر منگها پياليون.
توکي ساري روئينديون هن،
تنهنجي گهر جون پٽيون ساريون.

❋❋

تنهنجي ياءَ مبين اڇڻ جو
تنهنجي هجڻ سان گهر روشن هو.
تنهنجو وڇوڙو ڪيس هٽي ڏڪ،
خوشيون ڪٽي ويو ڏک ڏئي ويو.

❋❋

تو ٿي علم جا هيرا ميڙيا،
سچا سنهرا سبق سهيڙيا.
پر توکي دنيا ڪين سنو
دنيا تنهنجا پير اکيڙيا.

❋❋

تو نہ لکيو قرآن هو دل تي،
پنهنجي پرور کي چاهيو ٿي.
تنهنجو رتبو اوچو رهندو
تو ريجهايو آ مالڪ کي.

❋❋

توسان ڏاڍو ظلم ڪيو ويو
توکان هر سک چين کسيو ويو.
تنهنجا سپنا ساپيان نہ ٿيا،
توکي بيدرديءَ سان ڪنو ويو.

❋❋

اوچنگارون ڏئي روئن ٿا،
توکي ساري ريهون ڪن ٿا.
تنهنجا پونئر ڏڪندڙ ڇپن سان،
موتي آ روبينہ چون ٿا.

**

تنهنجي ويرين کي تنگرائي،
عزم سندس تہ اهو ئي آهي.
هر پل تولئہ پيو پتوڙي،
مبين واندو وينو ناهي.

**

جيسيتائين جيئرو رهندو،
اونداهيون اوکايون سهندو.
تنهنجو قاتل متجي ويندو
تنهنجو نالو زنده رهندو.

**

آخر ڪيسيتائين لڪندو
قاتل نيٺ تہ ظاهر ٿيندو.
ڄ پوءِ لوڪ سموري سامهون،
ڦاهي تي لٽڪايو ويندو.

**

توتي مهر وسائي مالڪ،
تنهنجا درد گهٽائي مالڪ.
روح تنهنجي کي شل روبينہ،
راحت منجهہ رهائي مالڪ.

***





## مهر فقير

مزارن تي ”مهر فقير“ چئي اديون آهي انياءُ،
مجاور خاطر مطلب جي ڪن ٿا ماڻهو گمراهُ.
سوچي سمجهي ڏسي وائسي هلجو ڪٽي وک،
ها پير ڪٽڪپال تي اهڙو واقعو ٿيو هو پاءُ.

**

ادي روبينا جي قتل سان انصاف ڪيو
قاتلن کي هرگز بہ نہ سو معاف ڪيو.
اڄ بہ هڪ ماءُ هڪ پاءُ ايئن چون پيا،
اي جج صاحبو انصاف صاف صاف ڪيو.

**

درگاهن جي دوستو کهڙي لڪان کهاڻي،
مجاور مست الست چرس آفيم آڪاڻي.
ڪمائي ۽ ڪاروبار ٿو هلي هت ”فقير“،
ايئن پڻ الا موت جي قري تي مانڊاڻي.

**

وڏو پاپ پيرن تي مجاورن آ مچايو
فنا ڪري فيض کي نشن کي آزمايو.
ڏوهن جو ڳڙه آهن مزارون ”مهر فقير“،
ڪٽڪپال تي شيخڻ ناريءَ کي مارايو.

**

پير ڪٽڪپال تي ڪيائون روبينا شهيد،
جيئن ڪوس ڪربلا ۾ ڪيو هيو يزيد.
هاءِ نہ مليو هيل تائين ڪٽان بہ انصاف،
امڙ روز احتجاج تي دڳن ۾ سندس ديد.

**

عدالت نظر نہ آئي انصاف نظر نہ آيو،
غريبن دانهيندو رهيو قانون نہ ورنايو.
پير ڪٽڪپال تي ٿي شهيد روبينا اڇڻ،
مجاورن ۽ قاتلن کي وجهو ڳچي ڦاهو.

**

عدالت جي در کي تالو لڳل آ،
انصاف آرام ۾ پلنگ تي ستل آ.
ڪٽڪپال تي ڦهر ٿيو دنيا ڏٺو
ٻڌايو تہ سهي اهو ڪهڙو عمل آ.

**

ماتم مُبين من ۾ پڻ امڙ ڪري دانهون،
آخر عرش پچنديون الا سندن آهون.
ٿيندو انصاف روبينا سان ڏسج "فقير"،
قاتل چڙهندا ڦاهي گهرندا پوءِ پناهون.

**

منهنجي نياڻي ماري وئي بيگناه بيقصور،
روئي روئي وڃائي ڇڏيم نيڻن جو نور.
پلڙا ٿئي ساهمي جا بيهاريو برابر او"فقير"،
قرآن ۽ حديث جو ڪريو قائم سو دستور.

**

آخر تہ کلندي اڪ انصاف ستل آهي،
قاتلن جن ڦهر ڪيو چڙهندا سي ڦاهي.
دير آهي انڌير ناهي رب جي در تي "مهر"،
وقت انهن ظالمن کي ماريندو ڳاهي ڳاهي.

***

books.sindhsalamat.com



## براهوئي سائين جي.ايم رئيساڻي

ابي جا اجا منتظر نيڻ آهن،
وساريو نہ آهي اجا پاءُ توکي،
امان کي اوهان لاءِ سپ ويڻ آهن،
عمر پر ڪري ياد ٿي ماءُ توکي.

**

ادي تنهنجي وئي کان، وئي هر خوشي آ،
خوشي ڇڻ غمن جو ٿئي پيغام آهي،
سکن لئہ سڪون ٿا، ڏکن ڏيهہ اندر،
اهو حال پنهنجو صبح شام آهي.

**

رهائش شهيدن جي آ جاءِ جنت،
انهن مان تون آهين ادي سونهن راڻي،
سدا باغ جنت ۾ خوش ٿي گذارين،
مگر هِتِ امان کي، اکين آهِ پاڻي.

**

شهيدڻ تنهنجو هي وڇوڙو تو ماري،
شهادت اوهان جي اجا ياد آهي،
امان تو حصي جي پچائي ٿي ماني،
تنهنجي ياد گهر تي آباد آهي.

**

شهيدن جو درجو شهيدن کان پڇجي،
ٿيا خوب آهن!! خدا کان سي راضي،
امان پيڻ بابا، ادا هت اوهان کي،
خدا جي رضا تي، ٿيڻ گهرجي راضي.

***

sindhsalamat.com

## سلام اڇڻ

ڪيڏو آ ارمان وڇوڙي تنهنجي تي،
ڪير نه ٿيو درمان وڇوڙي تنهنجي تي.
خوشين جو سنسار اسان ڪان ڪسجي ويو
سور ٻٽيا سامان وڇوڙي تنهنجي تي.

**

ڏينهن ڏني جو واري وئي،
وارڻ ڪان پوءِ ماري وئي.
هن سان چا چا ٿيو هوندو،
ڏاڍ هٿان جا ڏاري وئي.

**

اٿيا اٿيا نيڻ روبينا،
موتي اڄ تون پيڻ روبينا.
روئي روئي سارن تا پيا،
توکي تنهنجا سيڻ روبينا.

**

## عاشق حسين بوزدار

توتي مالڪ مهر وسائي شهيد راڻي تون،
هر ڪو گل گلاب چڻائي شهيد راڻي تون.
روبينه جو رتبو رب وڌائي شهيد راڻي تون،
”بوزدار“ تو تي چا ڳالهائي شهيد راڻي تون.

**

رهيو سيني ڪي شديد انتظار تنهنجو
شهيد روبينه تولاءِ دل بيمار منهنجو.
”بوزدار“ معاشري تي چا لڪان لهو سان،
قرض رهيو شهادت جو بيشمار تنهنجو.

***

books.sindhsalamat.com





## مبين اڇڻ سنڌ جو درد رڪندڙ شاعر

درد ڪي ميڙي چونڊي جهولي پري ڪنهن جي آڏو هارجي ته چا ٿا محسوس ڪيو ته ڏسڻ وارو جي ڪيفيت چا هوندي، اهو ڪم ڪرڻ ڪو آسان ناهي، مختلف شاعرن جي شاعري ميڙي دوستن جي آڏو پيش ڪرڻ به هڪ دل گردي جو ڪم آهي ۽ اهو ڪم ڪافي وقت کان دوست مبين اڇڻ ڪندو پيو اچي سندس ادب دوستي ڪيس بي چين ڪري ٿي، هڪ ڪتاب اڃان پورو مس ٿو ٿئي ته وري ٻئي نئين ڪتاب جو مواد ڪٺو ڪري ٿو اهو جذبو اها ادب سان محبت ڪيس ويهڻ ڪو نه ٿي ڏي، سندس هر ڪتاب جا شاعر ڪي عام شاعر ناهن هوندا، هي سڀ هن ادب دوست مبين اڇڻ سان محبت ڪندڙ سنڌ جو درد رڪندڙ شاعر آهن، اهي شاعر جن سنڌ ڌرتيءَ جي ڪک مان جنم ورتو آهي انهن ڪي سنڌ مٽيءَ سان محبت آهي، جيڪي پنهنجو رت ولوڙي ڌرتيءَ ماءُ جي تڃ ملهائن ٿا،

انهن ڪان ڪير واقف ناهي، اهي سڀ سهڻا سرجڻهار هڪ ئي ڪتاب ۾ گڏ ڪري اوهان پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪري ٿو. جنهن لاءِ پياري مبين اڇڻ ۾ سندس پوري سٽ جس لهڻي.

مون ڪي يقين آهي ته پهريان جيان هي ڪتاب به اوهان جي معيار مطابق هوندو ۽ اميد آهي ته مبين اڇڻ سنڌي ادب ڪي اهڙا لازوال ڪتاب ارپيندو رهندو.

**زيب ڪنگو**
اسلام آباد
10 مئي 2023ع

***

sindhsalamat.com

## انيڪ ڪردارن جو مالڪ مبين اڇڻ



مبين اڇڻ ڇا ڇا نٿو ڪري؟ غربت سان لڙي ٿو پيٽ جي شهادت تي سندس جيءُ جهري ٿو سماجي مسئلن تي ٻري اٿي ٿو ناحق سان جنگ جوٽي ٿو حق جي ڏکئي رستي تي اٽل بيهي ٿو ادبي رجحانن جي وڌاءِ لاءِ پتوڙي ٿو. مبين آهي ته هڪ پر سندس ڪردار انيڪ آهن. يار مبين ٿڪجي ئي نٿو توڙي جو بک بدحالي مان به گذري ٿو. روزگار به تنگ اٿس.

سماجي اڻ برابري به سندس سان آهي پر بينو وري به اٽل آهي، بي خوف آهي ۽ انسانيت سان پيار ڪندڙ ۽ انسانيت جي ويري جو اٽل دشمن آهي. شاعر جي ڪري حساس به ڏاڍو آهي پر پنهنجي ڪردار سان عملي نڀاهه ڪري ٿو. سڀ کي عزت ڏيڻ سان گڏ حق سچ چوندڙ ۽ سمجهندڙ آهي.

هي تسلسل سان ادبي رنگن ۾ رنگ ڀريندو اچي ٿو. هڪ پٺيان ٻيو ڪتاب مرتب ڪندو ٿو اچي. گهٽ عرصي ۾ مرتب ڪيل سندس ڪتابن جو تعداد ست آهي ۽ هي ڪتاب **"اکين جي اڪيلائي"** چوسٽن تي مشتمل سندس اٺون ڪتاب آهي. جيڪو ادبي ميدان ۾ هڪ ڀرپور اضافو آهي. هن چوسٽن جي ڪتاب ۾ نون شاعرن سان گڏ ڪيترن ئي مشهور ۽ مقبول شاعرن جا چوسٽا پڻ شامل آهن جيڪي هن ڪتاب کي منفرد بڻائن ٿا.

مبين اڇڻ کي هميشه جيان دلي مبارڪون پيش ڪجن ٿيون ۽ سندس شڪريو به ادا ڪريان ٿو ته هُو مون کي وڏو سمجهندو آهي، عزت سان گڏ هر مسئلي ۽ ڪيل ڪم تي رايا ۽ تجويزون به وٺندو آهي ۽ انهن تي عمل به ڪندو آهي. مون کي به وڌيڪ ان ڪري پيارو آهي ته هُو سچو ڪرو ۽ محنتي ته آهي ئي آهي پر منهنجي جنم ڀومي پياري شهر کهڙا جي پيداوار آهي جيڪو اسان سڀني لاءِ اعزاز ۽ فخر جي ڳالهه آهي.

خدا تعاليٰ پنهنجي محبوب ﷺ جي صدقي مبين اڇڻ جي عزت ۾ اڃا اضافو ڪري ۽ کيس همٿ سان گڏ ترقي عطا ڪري ۽ سندس تڪليفون ۽ اهنج دور ڪري. آمين.

**ظهير لاڙڪ**

**چيئرمين سنڌ ايجوڪيشنل فورم خيرپور**

***





## چوسٽن جي گڏيل ڳٽڪي "اکين جي اڪيلائي" تي هڪ نظر



اکين جي اڪيلائي جي دل لڀائيندڙ نالي سان چوسٽي جي صنف تي گڏيل ڪتاب اوهان مهربانن جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب جو سهيڙيندڙ نوجوان شاعر، سنڌي ادب جي جهول ۾ مختلف صنفن تي ست ڪتاب سهيڙيندڙ مبين اڇڻ آهي. هي ڪتاب مختلف شاعرن جي چوسٽن تي مشتمل آهي. گڏيل شاعريءَ جو ڪتاب سهيڙڻ جو مکيه سبب ڪنهن به صنف تي مواد يڪجا ڪرڻ هوندو آهي ته جيئن ان صنف تي تحقيق ڪندڙن کي مواد ڪٺو ٿي ملي. انهي مقصد لاءِ هي دوست جتن ڪري رهيو آهي.

سنڌي ادب ۾ استاد بخاري چوسٽي تي تمام سنو لکيو آهي، ان سان گڏ شمشير الحيدريءَ به ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. باقي ڏٺو وڃي ته ڪو خاطر خواهه ڪم ڪو نه ٿيو آهي. مٿين شاعرن جي ان صنف تي نظر ڦيرائي ڏسجي ٿو ته رباعي ۽ چوسٽي ۾ فرق جي خبر ڪا نه ٿي پوي، سنڌيءَ ۾ اڃا تائين صحيح طرح سان رباعي ۽ چؤسٽي جي فرق تي ئي نه لکيو ويو آهي. اها ئي رباعي آهي ته اهو ئي چؤسٽو چيو وڃي ٿو. جڏهن ته فني لحاظ سان ٻنهي صنفن ۾ فرق آهي. اهو فرق ته هن صنف تي تحقيق ڪندڙ ڪو محقق ئي ثابت ڪري سگهي ٿو. پر تنهن هوندي به مبين اڇڻ جو چوسٽي تي ڪيل ڪم تاريخ ۾ جوڳي جڳهه والاريندو ۽ تحقيق ۾ کيس ماناائتو مقام ملندو.

پهريان وانگر هي منفرد ڪم ڪرڻ تي مبين اڇڻ کي جس هجي ۽ سندس لاءِ ڪوڙ ساريون نيڪ تمنائون ته هو دل جي مخلصيءَ سان اهڙن ڪتابن سان سنڌي ادب جي گود ڀريندو رهي. ۽ آخر ۾ دعاگو هنن سٽن سان ته به سال اڳ درگاهه پير ڪٽڪپال لڳ فتح پور تعلقه ڪوٽڏجي وٽان اغوا زيادتي بعد بي دردي سان قتل ٿيل قرآن مجيد جي حافظ شهيد سندس ڀيڻ روبينه اڇڻ جي خون سان خدا پاڪ انصاف عطا فرمائي ۽ قاتلن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائي. آمين.

**نويد ناز اڇڻ**

***

## انصاف جي اوسيئڙي ۾ سڙندڙ سنڌ!



چوندا آهن تہ ڏک انسان جي رهبري ڪندا آهن ۽ اُنهن ڏکن مان انسان گهڻو ڪجهہ سکندو آهي. هڪڙا ڏکَ جيڪي انسان کي جيئڻ جو حوصلو ڏيندا آهن تہ ٻيا وري ڏکَ سماج ۾ انسان جي الهڙ جوانيءَ کي جهوري ڇڏيندا آهن ۽ پوڙهائپ جو انتظار ڪرڻ کان اڳ ئي انسان کي پنهنجي قبضي ۾ قيد ڪري ڇڏيندا آهن.

اِها بہ هڪ ڪڙي حقيقت آهي تہ جيڪڏهن ڏکَ نہ هجن ها تہ انسان پنهنجن ۽ پراون جي پرک نہ ڪري سگهي ها. اڄ اهڙن ئي ڏکن، اهنجن، اذيتن، ناانصافين، پيڙائن ۽ تڪليف مان سڀاجهڙي سنڌ گذري رهي آهي جيڪا ڏکن جو سمورو داستان بڻجي وئي آهي. جتي ڪيترا ئي ڀيانڪ واقعا ۽ سماج جون ناانصافيون انسانن جي پلئہ پونديون رهيون آهن.

اڄ بہ ورهين کان وٺي هِن ڌرتيءَ تي اهڙي تہ انسان دشمن رَتُ پياڪ جنگ هلي رهي آهي جيڪا خوشين جي ڏيئن کي روشن ڪرڻ کان اڳ اجهائي رهي آهي جيڪا آدم ذات جي وس کان ٻاهر ٿيندي پئي وڃي پر اُن باوجود بہ انسان ڪڏهن بہ ٿڪيو ناهي مسلسل هِن سفر ۾ هلندي اُن منزل جي ڳولها ۾ آهي جيڪي سماج کي سمورين فرسوده رسمن، رواجن کان آجو ڪري، جيڪا شبنم جي قطرن جيان صاف شفاف هجي، جيڪا روءِ زمين تي محبتن، چاهتن جا ڳاڙها گل پوکي، جيڪي نفرتن جي نگر کي مات ڏئي ڇڏي. اُن محبتن ۽ چاهتن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل سنڌ جو الهڙ نوجوان پيارو دوست منهنجي ننڍپڻ جي ڏکن سکن جي ساٿي شاعر، سوشل ورڪر مُبين اُڇڻ بہ هڪ آهي جنهن جو تعلق ضلعي خيرپورميرس جي ننڍڙي شهر کهڙا سان آهي، جنهن کي پنهنجي شهر کهڙن جيان پنهنجن ۽ پروان هٿان کوڙ سارا ڏکَ مليا آهن. جنهن جي زندگيءَ جو داستان آئون سمجهان ٿو تہ سنڌ جي سورن جهڙو ئي رهيو آهي. جنهن سدائين سرمائيداري نظام جي ڄار ۾ ڦاٿل هوندي بہ ڪوشش جي دامن کي ناهي ڇڏيو. جيڪو خود بحيثيت هڪڙو شاعر آهي جيئن پوئر وانگي گلڙن جو رَسُ چوسڻ لاءِ اُنهن مٿان ڦيرا ڪائيندو آهي اُنهيءَ طرح مُبين اُڇڻ اُن پوئري جيان ڦيرا ڪائيندي هڪ هڪ اڳيان گلڙن جي رسُ چوسڻ وانگي دوستن کي ڪتاب ۾ شامل





ٿيڻ جي التجا ڪري تاريخ ۾ محبتن جو اهڙو تہ ڪتبخانو تيار ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي تاريخ هميشہ پنهنجي پيٽ ۾ سانديندي رهندي، جنهن "وايون مهڪيون واٽ تي"، "پرهہ ڦٽيءَ جا پنڌ"، "موتين مالها شاعري"، "گيڙو رنگ شاعري"، "نظمن جا نيڻ"، "زنگجي ويل "خواب" ۽ "شهيد روبينہ اُڇڻ جي خون سان انصاف وارو سوال" جهڙا شاهوڪار ڪتاب لکي ڪري سنڌي قوم جي هنج ۾ ڏنا آهن جيڪو هميشہ هِن ديس جي مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن لاءِ لکندو رهيو آهي، جنهن ڇيڇن ۾ قلم پڪڙي الهام ٿيندڙ شاعري جون فطرتي آيتون لکي سماج اندر پيدا ٿيل انساني نسلن کي تباهہ ڪندڙ سرمائيداري نظام تہ وري ٻئي پاسي وڌندڙ انتهاپسندي جهڙين بيمارين کي شاعري سان سماج ۾ نفرتن جي دکندڙ دونهين کي وسائڻ جو احد ڪيو آهي. پيارو مبين دُکندڙ اکين سان اڄ بہ انصاف لاءِ واجهائي رهيو آهي جيئن هن سماج ۾ ماڻهو سک سان ساهہ کڻي سگهي. مبين اڇڻ جيڪو پنهنجي نالي جيان صاف ۽ شفاف انسان آهي جنهن جي محبت، پيار ۽ مانيٽي طبيعت ڪنهن تعريف جي محتاج ناهي. هُن سدائين پيار، محبت عاجزي سکي ۽ سيکاري شايد هي پيدا ئي اِن لاءِ ٿيو تہ هُو نفرتن کي مات ڏئي محبتن سان انسانن جي دلين کي سيراب ڪري سگهي.

جيڪي اداس بيوسي سماج جي تنگ نظريءَ خاطر اکڙين مان پاڻي جي صورت ۾ لڙڪ وهندا هئا تن کي پاڻ پيار جو جامو پارائي ڇڏيندو هُو ڏکن، اذيتن ۽ اهنجن کي پاڻ کان ڪوهين ڏور ڪرڻ پئي چاهيو پَر هِن وحشي بگهڙ جهڙي سماج ۾ پيدا ٿيندڙ هر انسان کان پنهنجا اختيار ڪسي هميشہ لاءِ محروم بڻائي ڇڏيو آهي. انسانن جو مرتب ٿيل سماج وک وک تي دهشتون ۽ وحشتن کي جنم ڏئي زمين تي رهندڙ انسانن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترين نياڻين کي ظلم جبر جي ٻرندڙ باهہ ۾ ابدي ننڊ سمهاري ڇڏيو آهي. اڄ بہ سنڌ واسي انصاف جي الف کان محروم بڻيل آهن تہ وري سماج جي فرسوده رسمن رواجن ۾ جڪڙيل آهن ضرورت اِن ڳالهہ جي آهي تہ انسان دشمن قاتلن جي رستا روڪ ڪري پنهنجن لکڻين جي ذريعي شعور جي ذريعي قاتلن کي وائکو ڪيون جيئن وري ڪا سنڌ جي نياڻي وحشي بگهڙن جو شڪار نہ بڻجي.

**عامر انصاري**

***

## ٽيڪي ٽيڪي جو حساب!



سومر 27 مئي 2019ع گورنمينٽ مراد هاءِ اسڪول گمبٽ ۾ سکر بورڊ طرفان پيپر چيڪ ڪرڻ جو موقعو مليو. ان بهاني سان تقريبن هفتو کن کهڙا شهر ۾ خوبصورت شاعر ۽ استاد وفا مظهر چانديي جي اوطاق تي رهائش اختيار ڪيم. انهن ڏينهن ۾ گمبٽ ۽ کهڙا جي شاعرن ۽ اديبن سان ڪافي ملاقاتون مُيسر ٿيون. جن ۾ مُبين اُڇڻ ۽ عامر انصاري بہ سرِ فهرست رهيا. هي ٻئي دوست مون سان وفا مظهر چانديي جي اوطاق تي ملڻ آيا هئا ۽ مون لاءِ ڪتابن جا تحفا پڻ کڻي آيا هئا. اُتان کان مُبين اُڇڻ سان واسطو وڌيو ۽ اُهو رابطو اڄ تائين هلندو ٿو اچي. مُبين اُڇڻ جو علمي ادبي ذوق شوق اڳي کان وڌيڪ اڳرو ۽ اتل نظر اچي ٿو. هونئن بہ شاعرن لاءِ چوندا آهن تہ شاعر شعور جي شينهن کي پالي ٿو ان لاءِ سوائي سمجهہ کي سُور بہ سوايو هوندو آهي بقول پٺائيءَ جي:

**آلا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏُکَ ڏِسن.**

هِنَ نوجوانَ جيڪي ڏُکَ ۽ ڏَنيَ ڏِٺا ۽ سَٺا آهن اُنهن جو ڪوبہ ڪاٿو ڪونهي. هڪ تہ غُربت جا گهرا گهاوَ ٻيو وري سندس نوجوان پيڻ سان جيڪو قاتلن ڪِيس ڪيو اُهو ناقابلِ فراموش آهي. مُبين اُڇڻ اڄ بہ پنهنجي پيڻ جي قاتلن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ اڪيلي سر پنهنجي عمردراز امڙ سان گڏ عدالتن جا در ڪڙڪائيندو رهي ٿو ليڪن ڪيس ڪوبہ انصافَ جو آسرو نظر نہ ٿو اچي. اهي سڀ سُور سيني ۾ سانڍڻ جي باوجود بہ ڪڏهن حوصلو هاري نہ ٿو ويتر حالتن جي تيز هوائن ۾ ذات ۽ ڏانءَ جا ڏيئا جلائيندو رهي ٿو ۽ امداد حُسينيءَ جون سِٽون سندس چَپن جي چانئُٺ تي چَنگَ جَيان وَڄِي رهيون آهن:

**مون جڏهن ڪو ڏيئو جلايو آ.**
**زور ڪيڏو هوا لڳايو آ.**





جنهن جي سوچَ ۽ لوچَ جو سفر جاري وّساري هوندو تہ اهو پلا ماٺ جي مُصَلي تي ويهي ماضيءَ تي راضي ٿي ڪيئن مايوسيءَ جي منظرن تي موهجي پوندو؟ اهڙو ئي سنڌي ٻوليءَ جو ارڏو ۽ اٽموٽ عاشق مُبين اُڇڻ بہ آهي، جيڪو هِڪُ هِڪُ موتي ميڙي محبت ۽ محنت سان مالهائون جوڙي ٿو. اُهي هيرن جا هارَ نثر جا هجن يا نظم جا پر اهڙا تہ تيار ٿا ٿين جو هرڪو چاهي ٿو اسان جي هٿن ۾ هُجن. جيئن سندس "پرهہ ڦٽي جا پنڌ"، "وايون مهڪيون واٽ تي"، "نظمن جا نيڻ"، "گيڙو رنگ شاعري"، "موتين مالها شاعري"، "زنگجي ويل خواب" ۽ "شهيد روبينہ اڇڻ جي خون سان انصاف وارو سوال" وغيره. هي ڪتاب بہ نالي "اڪين جي اڪيلائي" (گڏيل شاعري) اُن ئي سلسلي جو سراپا سينگار چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. جنهن ۾ سينيئر توڙي جونيئر سڀ سرجڻهارَ اکين جا تارَ آهن. جيڪڏهن هڪ هڪ تي لکبو تہ هڪ ٻيو ڪتاب بہ جُڙي پوندو. سنڌي ادب جي اها روايت نهايت نرالي رهي آهي جنهن ۾ گڏيل شاعريءَ جا گلدستا ڇپجندا رهن ٿا جيڪي صاحبِ حيثيت شاعر آهن اهي تہ الڳ پنهنجا ڪتاب ڇپائي سگهن ٿا پر ههڙي مهانگائيءَ جي دور ۾ جيڪي پيٽ پالڻ کان بہ قاصر آهن اهي گذرسفر ڪن يا ڪتاب ڇپائن؟ اهڙن گمنام ۽ غريبن شاعرن لاءِ هي هڪ سونهري موقعو هوندو آهي جيڪي هڪٻئي جي ساٿ سان سلهاڙجي، سينگارجي ۽ سنوارجي ڪتاب سان گڏوگڏ پاڻ کي بہ ڪامياب ٻڌائيندا آهن. هونئن بہ گڏيل شعري مجموعي لاءِ آئون ائين چوندو آهيان تہ"وڻ وڻ جي ميوي ۽ گل گل جي خوشبوءَ جو مزو منفرد آهي." هر شاعر جا پنهنجا خيال ۽ پنهنجا خوابَ آهن هر ڪنهنجو فن ۽ فڪر پنهنجي پنهنجي فريم ۾ فِٽ ٿيل هوندو آهي. اُهو پڙهندڙن ۽ پرکيندڙن تي منحصر آهي تہ انهن کي ڪير موهي مَست ڪري ٿو؟ ۽ ڪير چُست ۽ سُسُت ڪري ٿو؟ ڪنهن ۾ ڪهڙي خامي آهي؟ ۽ ڪنهن ۾ ڪهڙي خوبي آهي؟ اهو فيصلو وقت جا نقاد ڪندا.

ڪيترائي گڏيل شعري مجموعا منهنجي نظر مان گُذريا آهن جيئن: "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" جنهن جو مهاڳ شيخ اياز لکيو. "سوچون سُرها گل" هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي ٻن ناميارن اديبن ۽ شاعرن اياز گل ۽ تاج جويي جي شاعريءَ جو گڏيل ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل

آهي، پهرئين حصي ۾ اياز گل جا نظم، گيت، آزاد نظم، غزل، دوها، ترائيل، ٽيڙو ۽ بيت شامل آهن، جنهن جو مهاڳ ”نوان پلٽيل سڪا“ جي عنوان سان تنوير عباسيءَ جو لکيل آهي، جڏهن تہ ٻيو حصو تاج جويي جي شاعريءَ بيتن، وائين، دوهن، گيتن، غزلن، نظمن، آزاد نظمن، رينگن ۽ چتارن تي مشتمل آهي، جنهن جو پيش لفظ (مهاڳ) شمشيرالحيدري، ’وڄ۔ وراڪا سوچ‘ جي عنوان سان لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ اياز گل ۽ تاج جويي جي ابتدائي شاعري بہ شامل آهي. ٻيا ڪتاب جهڙوڪ: ”برکا بوند بهار جي“، سُخنور سنڌ ڌرتيءَ جا، سپنا صليب تي، ڪونج قطارون ڏات جون، ديپڪ چاتہ شخص آ؟، ”نئون نئون مڌ آ“، ”ڏاتِ ڏِيئا ٻاريا“ (لاڙڪاڻي ضلعي سان لاڳاپيل چوندڊ 14 شاعرن جون ڪوتائون)، (”سُک نہ سُتا ڪڏهين“ مرتب: سيد مختيار شاهہ) وغيره. اڃا ٻيا بہ ڪافي ڪتاب گڏيل شاعريءَ جا ڇپيل هوندا جيڪي منهنجي نظر مان ناهن گذريا. هرڪو پنهنجي وت ۽ وس آهر قلمي ۽ قلبي پورهيو ڪري پاڻ پتوڙي رهيو آهي. مُبين اُڇڻ بہ انهن منجهان هڪ آهي جنهن جو قلم ڪڏهن بہ رُڪيو ناهي، جُهڪيو ناهي ۽ وِڪيو ناهي. سدائين سجاڳ ٿي سياڳ جا ماڳ ماڻيندو وتي ٿو. اميد ٿي ڪجي تہ سندس هي ڪتاب بہ ”اکين جي اڪيلائي“(گڏيل شاعري) سنڌي ادب ۾ ڪافي جاءِ والاريندو. آخر ۾ استاد بخاريءَ جون هي سِٽون سڀي هن مجموعي جو اِختِصارُ ۽ اِظهارُ لڳن ٿيون:

**قط، قلم، هٿ، هوش هججو هوشيار!**
**قوم وٺندي ٿيڪي ٿيڪي جو حساب!**
**شاعري ”استاد“ تڪبي توربي،**
**جلد ٿيندو جملي جملي جو حساب!**

**نيڪ تمنائون**
**معشوق مُحسن ابڙو**
**اڳارو،** 09 مئي 2023ع
***

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com